

# سنڌ زراعت

# Sindh Zara'at


اپريل 2022 | شمارو: 04


## سٽاءُ



| نمبر | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| .1 | وونٽڻ جي فصل مان سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لِاءِ تجويزون | 07 |
| .2 | زراعت هڪ سائنس | 08 |
| .3 | وونٽڻ جي پوک لاءِ پاڻ جو صحيح استعمال ۽ ان جي اهميت | 09 |
| .4 | ڪمند جي اک (Bud) وسيلي پوک | 10 |
| .5 | ڪمند جا جيت ۽ انهن جو تدارڪ | 12 |
| .6 | سائي ستابي سنڌ | 13 |
| .7 | سارين جي فصل جي تياري | 14 |
| .8 | ٿرپارڪر ضلع جا بئراجي (نهري) علائقا ۽ ان ۾ خريف جي مند ۾ ٿيندڙ فصل | 15 |
| .9 | ملچنگ (Mulching) | 17 |
| .10 | انب جي پيداوار ۾ واڌارو ڪندڙ مؤثر ۽ سستو طريقو | 18 |
| .11 | پيٽ جي پوک | 19 |
| .12 | انبن جي پٽائي ۽ سارسنڀال | 20 |
| .13 | چيڪو (Acbras Sapota) | 21 |
| .14 | سنڌ ۾ ڪيلي جي پوک | 22 |
| .15 | ڪُنيين ۽ انهن جا غذائي فائدا | 23 |
| .16 | چوپائي مال جي ڦرن جي سارسنڀال | 24 |




- نگران اعليٰ
منظور حسين وسان
مشيرِ زراعت
حڪومتِ سنڌ

- نگران
قاضي اعجاز احمد مهيسر
سيڪريٽري
زراعت، سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ

- چيف ايڊيٽر
هدايت الله ڇڄڙو
ڊائريڪٽر جنرل
زرعي توسيع سنڌ

- ايڊيٽر
غلام مصطفيٰ نانگراج
ڊائريڪٽر انفارميشن
زرعي توسيع سنڌ

- معاون
فهيم قريشي، شمائلہ، باسط ٽالپر
غلام نبي ڏاهري، جاويد ميمڻ ۽ عرفان سومرو

- فوٽو گرافي
الطاف حسين اوڊو ۽ جابر لغاري

- ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
علي انور لغاري

- ٽائيٽل ڊزائين
نزاڪت علي کوکر



ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات ۽ آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز، زرعي توسيع سنڌ
بلاڪ ايف، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد
فون: 022-9201276 ,022-9200108، 03111646111

# ايڊيٽوريل

عام طور تي ڏٺو اهو ويو آهي تہ آبادگار فصل ڪٽڻ کان پوءِ زمين ۾ بچيل گندگاهہ، ڇُوتي، ٻاٽين، پنن، پاڙن، ڪانگڙي وغيره کي ٻاهہ ڏئي ساڙي پوءِ زمين نئين فصل لاءِ تيار ڪن ٿا. ائين ڪرڻ سان ٽن قسمن جا نقصان ٿين ٿا: ساڙڻ وارو سمورو مادو زمين ۾ هرن ذريعي ملائڻ سان زمين طاقتور ٿي سگهي ٿي اُهو زيان ٿي وڃي ٿو. ان مادي کي ساڙڻ سان زمين اندر موجود سانپا ۽ ٻيا زمين لاءِ فائديمند جاندار ٻاهہ لڳڻ ڪري مري وڃن ٿا ۽ ٽيون وڏو اهو نقصان بہ ٿئي ٿو تہ آبهوا خراب ٿئي ٿي. ان کان علاوه اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ جيڪي آبادگار ٻاهہ نٿا لڳائن اهي وري جن هرن سان عام طور کيڙي ڪن ٿا تن سان اُهي زمين ۾ چڱي ريت نٿا ملن ۽ ڳرڻ ۾ گهڻو وقت وٺن ٿا. ان ڪري نئين پوکيل فصل کي فائدو نٿو ملي ۽ ڪٽي نئين فصل جي ٻج کي ڦٽڻ ۾ مشڪل پيش اچي ٿي.

ان صورتحال ۾ سڀ کان پهرين تہ آبادگارن کي گهرجي تہ زمين ۾ ٻاهہ نہ ڏين ۽ زمين جي کيڙيءَ ۾ روٽاويٽر جو استعمال ضرور ڪن. روٽاويٽر هڻڻ سان زمين ۾ موجود هر قسم جو گندگاهہ، ڏانڊيون، پن، ڪاٺيون، ڪانگڙي وغيره ڪُتر ٿي زمين ۾ چڱي ريت ملي وينديون.

اهڙي طرح ڪمند جي واڍيءَ ڪانپوءِ رهيل ڇوتيءَ وغيره کي اڪثر ڪري ٻاهہ ڏني وڃي ٿي. جڏهن تہ ان کي ڪُتر ڪري ملچ ڪرڻ وارا اوزار اچي ويا آهن.

جيڪي ڪمند جي واڍيءَ کان پوءِ بچيل ڇوتيءَ کي ڪُتر ڪري فصل ۽ زمين کي ڍڪي ڇڏي ڇڏن ٿا. جن کي استعمال ڪري ٿي فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا: ڇوتيءَ کي ٻاهہ ڏيڻ جي ضرورت نہ پوندي، ڪتر ٿيل ڇوتيءَ سان ڍڪيل زمين اندر زمين جي فائديمند جاندارن کي گهربل ماحول ملڻ ڪري زمين کي صحتمند بڻائڻ جو ڪم تڪڙو ۽ آسانيءَ سان ڪري سگهندا. اهڙي عمل ڪرڻ سان ڪمند جي فصل ۾ پاڻيءَ جي وٿ وڌيڪ وقت رهندي، جنهن جي ڪري ڪمند کي تڪڙي پاڻيءَ جي ضرورت نہ پوندي ان کان علاوه مُنڊي فصل جو تڪڙو ۽ صحتمند ڦوٽهڙو ٿيندو.

اُميد تہ آبادگار ڀائر هنن تجويزن تي عمل ڪري فائدو حاصل ڪندا. وڌيڪ مشورن ۽ معلومات لاءِ آفيس جي وقت ۾ زرعي توسيع، زراعت کاتي سنڌ جي آبادگار هيلپ لائين 03111646111 تي زرعي ماهرن سان رابطو ڪري سگهجي ٿو. ان سان گڏ فيسبڪ تي سومر کان خميس جي ڏينهن دوران منجهند جو 2 وڳي آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز جي "سائي ستابي سنڌ" پروگرام ۾ شريڪ ٿي ماهرن کان سوالن جا جواب پڇي وٺي سگهجن ٿا.

ساٿ سلامت

**غلام مصطفيٰ نانگراج**

ڊائريڪٽر

زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ

حيدرآباد

# وونئڻ جي فصل مان سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ تجويزون

## زرعي هدايتون: آءِ سي ٽي، زرعي توسيعي مرڪز سنڌ

وونئڻ جي وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي ته نج ۽ صحتمند ٻج استعمال ڪجي. زمين جي بهتر تياري ڪجي ڀاڻ مناسب مقدار ۾ زمين جي قسم کي ڏسي ڏيڻ گهرجي. جيتن ۽ بيمارين جي حملي کي روڪڻ لاءِ احتياطي تدابيرون ڪرڻ گهرجن. پوکي هميشه وقت تي ۽ علائقي لاءِ سفارش ٿيل جنس مطابق ڪجي.

سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏنل تجويزن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

**ٻج تان ٻُج لاهڻ لاءِ تجويزون:**

10 ڪلو ٻج تان ٻُج لاهڻ لاءِ هڪ لٽر گندڪ جو تيزاب ڪافي آهي. ٻج کي ڪنهن به پلاسٽڪ جي ٽب ۾ وجهو مٿان آهستي آهستي تيزاب هاريو ان کانپوءِ ڪنهن ڪاٺي يا بيلچي سان ٻج کي هيٺ مٿي چڱي طرح هلايو ته ڪَڪڙن تان ڪپهه جا ٻُج آهستي آهستي ختم ٿيڻ شروع ٿيندا. پر هاڻ ڪَڪڙن تان ٻُج صاف ڪرڻ لاءِ جديد مشينون به مارڪيٽ ۾ آهن. انهن مان به فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ٻج تيزاب ۾ صاف ٿي وڃي ته پوءِ ان کي ڪنهن ڇاڻي يا ڳوڻ مٿان رکو ۽ ٻج تي پاڻي هاريو ۽ گهٽ ۾ گهٽ 3_4 ڀيرا چڱي طرح پاڻي هاريو پوءِ هڪ ٻج ڪٽي زبان تي رکو جيڪڏهن کٽاڻ هجي ته وري پاڻي ۾ ڌوئو جيڪڏهن کٽاڻ نه هجي ته ڪنهن ڇانوءَ واري جاءِ تي سڪايو. ائين ٻج تان تيزاب لهي ويندو ۽ صاف ٻج حاصل ٿيندو.

**پوکيءَ کان اڳ ٻج کي دوا لڳائڻ:** پوکيءَ کان اڳ زرعي ماهر جي صلاح سان ٻج کي ڪا ڦقونديءَ ۽ جيت مار دوا لڳائي پوءِ پوکيو وڃي. ائين ڪرڻ سان هڪ مهيني تائين ڦٽندڙ فصل رس چوسڻ وارين بيمارين جي حملي کان محفوظ رهندو. ان ڪانسواءِ ٻج ۾ ڦوٽهڙو به بهتر انداز ۾ ٿيندو.

**في ايڪڙ ٻوٽن جو تعداد ۽ ڇڊائي:**

ماهرن جو چوڻ آهي ته وونئڻ مان بهتر پيداوار لاءِ في ايڪڙ ۾ ٻوٽن جو تعداد 22 کان 25 هزار تائين هئڻ گهرجي. ان لاءِ جڏهن ٻوٽا 5 کان 6 انچ جا ٿين ته ٻوٽن ۾ ڇڊائي جو عمل ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ هڪ ٻوٽي جو ٻئي ٻوٽي کان مفاصلو گهٽ ۾ گهٽ 9 انچ رکجي. ته جيئن هر هڪ ٻوٽي کي پاڻي، ڀاڻ توڙي اُس ۽ هوا گهربل انداز ۾ ملي سگهي.

**رهيل خال پرڻ:**

ڪرين وارين فصل جو جائزو وٺڻ کانپوءِ ڏسجي ته جتي جتي اڳ ۾ پوکيل ٻج نه ڦٽو آهي، اتي ڀيهر ٻج جون چُنگيون لڳائي خال پري ڇڏڻ گهرجن.

**گُڏ:**

وونئڻ جي ٻوٽن جي بهتر واڌ ويجهه لاءِ فصل کي گندگاهه کان صاف رکڻ گهرجي ۽ ان جو بهترين ذريعو گُڏ آهي. ناڙي پوک ۾ پهرئين گُڏ پنجهونءَ تي، ٻي گُڏ پهرين پاڻيءَ ڏيڻ وقت ٽئين گُڏ ٻيو پاڻي ڏيڻ کانپوءِ زمين جي وٺ ۾ اچڻ وقت ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته ڪرين واري فصل کي پهرئين گُڏ ٻئي پاڻي کان پوءِ زمين جي وٺ ۾ اچڻ کانپوءِ ڪرڻ گهرجي، فصل ۾ گُڏ ڪرڻ کانپوءِ نائٽروجن ڀاڻ استعمال ڪرڻ گهرجي ته جيئن پوکيل فصل جي ٻوٽن کي وقت سر خوراڪ ملي سگهي.

**فصل مان گندگاهه جو خاتمو:**

وونئڻ جي فصل تي اڪثر جيتن ۽ وائرس جو حملو گهٽي گندگاهه سبب ٿئي ٿو. گندگاهه جي ڪري فصل جي پيداوار ۾ گهٽتائي اچي ٿي. گندگاهه فصل جي روشني، پاڻي، هوا ۽ ڀاڻ ۾ به حصيدار بڻجي ٿو. گندگاهه جي ڪري فصل کي ڪافي نقصان ٿئي ٿو جنهن ڪري زرعي ماهر جي صلاح سان جڙي ٻوٽيون ختم ڪندڙ دوائن جو استعمال سفارش ٿيل مقدار ۽ وقت تي ڪرڻ گهرجي.

**ڪيميائي ڀاڻ:**

وونئڻ پوکڻ وقت ڪيميائي ڀاڻ هڪ کان ڏيڍ ٻوري ڊي اي پي ۽ اڍ کان ٻُني ٻوري يوريا في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجي.

بعد ۾ فصل جي واڌ ويجهه دوران ٽارين نڪرڻ وقت هڪ ٻوري يوريا ۽ گل ڀاڻي وقت هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ استعمال ڪجي.

ووٽڻ جي پوکي لاءِ ڪلراٺي زمين ۾ ٽي کان چار ٻوريون سنگل سپر فاسفيٽ ۽ هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ پوکي وقت استعمال ڪجي. بعد ۾ ٽارين نڪرڻ وقت ٻه ٻوريون امونيم نائٽريٽ ۽ گل ڀاڻي وقت ٻيهر ٻه ٻوريون امونيم نائٽريٽ في ايڪڙ ڏيڻ گهرجن.

ووٽڻ ۾ نائٽروفاس ڪيميائي ڀاڻ استعمال ڪرڻ جي صورت ۾ ان جون ٻه ٻوريون پهرئين پاڻي تي استعمال ڪجن. بعد ۾ هڪ ٻوري يوريا يا ٻه ٻوريون امونيم نائٽريٽ ٽارين نڪرڻ وقت ۽ ٻيهر هڪ ٻوري يوريا يا ٻه ٻوريون امونيم نائٽريٽ گل ڀاڻي وقت استعمال ڪجي. ووٽڻ ۾ ٻوران ڀاڻ جي به کوٽ ٿئي ٿي، جيڪڏهن مارڪيٽ ۾ موجود هجي ته اهو به پوک وقت استعمال ڪجي.

**پاڻي:**

ووٽڻ جو فصل پاڻي جي معاملي ۾ تمام گهڻو حساس ٿئي ٿو انهي ڪري پاڻي هميشه گهرج مطابق ڏيڻ گهرجي. فصل کي جيڪڏهن وڌيڪ پاڻي ڏنو ويو ته به فائدي بدران نقصان ٿي سگهي ٿو.

نارڙي واري فصل کي پوکي کان پوءِ ٽيهن ڏينهن اندر پهريون پاڻي ڏجي ۽ باقي پاڻي هر پندرهين ڏينهن تي ڏيڻ گهرجي اهڙي طرح ڪرين واري فصل ۾ شروعاتي ٽي پاڻي ويهن ڏينهن اندر ڏيڻ گهرجن بعد ۾ ٻن هفتن جي وقفي تي ڏيڻ گهرجن.

**پاڻي جي کوٽ ۾ هي نشانيون ظاهر ٿين ٿيون:**

- ووٽڻ جي چوٽي تي اڇو گل اچڻ.
- ووٽڻ جي پوکي جي ٽڙ تي ڳاڙهاڻ ظاهر ٿيڻ.
- صبح جي وقت ووٽڻ جي پنن جو ڪومائجڻ.
- ووٽڻ جي ٻوٽي جي ٽڙ تي ڳنڍن جي ماپ گهٽ ٿيڻ.
- زمين جي سطح کان 2 انچ هيٺ مٽي جو خشڪ ٿيڻ ۽ مٽ ۾ دٻائڻ باوجود گولو يا پيڙو نه ٺهڻ.
- ووٽڻ جي ٽارين جو نڪاءُ ڏئي سولائي سان ٽُٽڻ.
- ووٽڻ جي فصل کي مناسب پاڻي ڏجي. ڪڏهن به فصل کي نه ٻوڙجي.
- ووٽڻ جي فصل کي گل ڀاڻي وارن ڏينهن ۾ پاڻي ڏيڻ ۾ سستي نه ڪرڻ گهرجي.

# زراعت هڪ سائنس

ڊاڪٽر توقير احمد شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر ميجر ڪراپس سنڌ

اسان جو زرعي نظام تيزي سان بدلجي رهيو آهي. زمين گهٽ ۽ آبادي وڌيڪ آهي، موسمن جي ڦير گير ۽ پاڻي جي کوٽ، سٺن ٻج ۽ ڀاڻن جي کوٽ، جيت، بيمارين ۽ زمين جا مسئلا هي سڀ شيون وڏن توڙي ننڍن زميندارن کي پريشان ڪن ٿيون پوءِ انهي حالتن جو اثر سڌي يا اڻ سڌي طرح معاشري جي هر هڪ فرد تي پوي ٿو ڇاڪاڻ جو اسان جو ملڪ هڪ زرعي ملڪ آهي. جيڪڏهن زراعت کي هٿي ملندي ته ملڪ جي معيشيت وڌندي انهيءَ لاءِ زراعت کي هاڻي سائنسي بنياد تي هڪ ڪاروبار سمجهي محنت ڪرڻي پوندي ۽ پوري سال لاءِ رٿابندي ڪرڻي پوندي. هڪ کان وڌيڪ فصل پوکڻا پوندا ۽ گڏيل پوک ڪرڻي پوندي ۽ زرعي ڄاڻ ۽ تربيت وٺڻي پوندي. اوهان ڏٺو هوندو ته هر ڪاروبار لاءِ تعليم ۽ تربيت وٺڻي پوي ٿي يا ننڍڙا ڪورس ۽ ڊپلوما ڪري پنهنجي ڪاروبار کي وڌائجي ٿو بلڪل اهڙي ريت هن اهم ڪم لاءِ به آبادگار هارين کي سکيا وٺڻ گهرجي نه ته گهٽ ۾ گهٽ هارين کي ته زرعي تربيت ڏيڻ لازمي آهي. اسان جي صوبي سنڌ ۾ زرعي سکيا لاءِ به زرعي تربيتي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن هڪ سڪرنڊ ۾ ٻيو جيڪب آباد ۾ جتي مئٽرڪ پاس ڪيل شاگرد ۽ شاگرديائڻين کي ٻن سالن جي تربيتي ڪورس جي ٽريننگ ڏني ويندي آهي انهي سان گڏوگڏ ٻن سالن جو اسٽاڪ اسسٽنٽ جو ڪورس پڻ ڪرايو ويندو آهي جنهن ۾ طالب علم داخلا وٺي تربيت حاصل ڪري پنهنجي ٻني تي پڻ سٺو ڪم ڪار ڪري سگهن ٿا انهي کان علاوه انهن شاگردن کي زراعت کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ جو روزگار پڻ ملي سگهي ٿو.

اسان جي ملڪ ۾ توڙي صوبي ۾ زرعي يونيورسٽيون موجود آهن، نوجوانن کي گهرجي ته انهن يونيورسٽين ۾ داخلا وٺي تعليم حاصل ڪري پنهنجي زمينن تي محنت ڪن ته وڌيڪ پيداوار حاصل ڪري سگهن ٿا. يا وري انهن تعليم يافته نوجوانن کي زرعي فارمن تي روزگار ڏجي ته اهي بهتر نموني سان ٻنين يا باغن تي ڪم ڪار ڪري سگهن ٿا. انهي سان هڪ ته نوجوانن کي روزگار ملندو ٻيو وري زرعي ڪم ڪار جديد طريقي سان ٿيندو ۽ هارين مالي حالت پڻ بهتر ٿيندي.

ڪنهن به زرعي فارم يا زمين مان بهتر پيداوار وٺڻ لاءِ آبادگارن ۽ هارين کي زمين جي سٺي تياري، فصل لاءِ مناسب رٿابندي، موجود وسيلن کي ڪتب آڻي ان مان ڀرپور فائدو وٺڻ، فصلن ۾ پيدا ٿيندڙ جيتن ۽ بيمارين جو ترت خاتمو سٺي پيداوار ڏيندڙ جنسن جي چونڊ، پاڻي، ٻج ڪٽان وٺبو ۽ کهڙو وٺبو، مارڪيٽ ۾ فصل جي گهرج، جڏهن فصل لهندو ان وقت مارڪيٽ ۾ گهرج هوندي يا نه. جڏهن فصل تيار ٿيندو مارڪيٽ موڪلڻ لاءِ سهولت، گدام ۽ اسٽوريج جي سهولت وغيره کي ذهن ۾ رکي سٺي نموني سان رٿابندي ڪري سگهجي ٿي، انهي سان پيداوار به وڌندي ۽ ملڪي معيشيت کي به سهارو ملندو.

# ووئٽن جي پوک لاءِ پاڻ جو صحيح استعمال ۽ ان جي اهميت

سرپرست اعليٰ: ڊاڪٽر مظهر الدين ڪيريو، ڊائريڪٽر سي آر آءِ ٽنڊوڄام

تحرير: سريش ڪمار اوڊ ۽ ثناءُ الله سولنگي، سينيئر سائنٽيسٽ سي آر آءِ زرعي تحقيقي ادارو ٽنڊوڄام

ووئٽن جي بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ نامياتي مادن جو هئڻ تمام ضروري آهي. نامياتي مادي جي ڪوٽ جو وڏو سبب ڪيميائي پاڻ جو لڳاتار استعمال آهي جڏهن ته وڻاڻ ۽ سائي پاڻ جي استعمال سان نه رڳو زمين جي زرخيزي وڌي ٿي پر اُن ۾ پاڻي جهلڻ جي برداشت پڻ وڌي ٿي. ان سان گڏوگڏ ڪيميائي پاڻ جو به استعمال گهٽجي ٿو ۽ ڪيميائي پاڻ بهتر نموني ٻوٽن کي ملي سگهندو. ان لاءِ اها ڪوشش ڪئي وڃي ته ڪيميائي پاڻ سان گڏوگڏ زمينن ۾ وڻاڻ يا سائو پاڻ ڏيڻ طرف ڌيان ڏجي ته جيئن ٻوٽا آساني سان زرخيز زمين مان پنهنجي ضرورت مطابق خوراڪ حاصل ڪري سگهن.

آبادگار ڀائرن کي گذارش ٿي ڪجي ته اهي پوکي ڪرڻ کان اڳ ئي مٽي ۽ پاڻي جي چڪاس ضرور ڪرائين ته جيئن ضرورت مطابق ڪيميائي پاڻ جو مقدار، زمين جي زرخيزي، قسم، پوکي جو وقت، ٻوٽن جو تعداد ۽ ووئٽن کان ڀرئين پوکيل فصل کي نظر ۾ رکجي. عام طور تي اسان وٽ ڪڻڪ کان پوءِ ووئٽن جو فصل ٿي پوکيو ويندو آهي.

ان لاءِ نائٽروجن (Urea)، فاسفورس (DAP) ۽ پوٽاشيم (SOP)، زنڪ (Zink)، بوران (Boran) جو استعمال ڪرڻ گهرجي. اسان وٽ گهڻو ڪري آبادگار ڀائر ووئٽن جي فصل لاءِ ضرورت مطابق وقتائتو نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاشيم پاڻ جو استعمال نه ڪندا آهن. ائين ڪرڻ سان ٻوٽن ۾ بي چيني يعني هاضمي جي نظام کي اثرانداز ڪري فصل کي نقصان پهچايو وڃي ٿو. جنهن ڀڄ ڪري ٻوٽن ۾ فاسفورس ۽ پوٽاشيم جي ڪوٽ ٿي وڃي ٿي ۽ نائٽروجن جي گهڻي استعمال سان ظاهري طرح فصل سرسبز ۽ ڀلي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. پر فصل ۾ گل ۽ گوگڙا گهٽجي ويندا آهن ۽ گوگڙن جو وزن به وڌي نه سگهندو ۽ ڪمزور هجڻ ڪري اُهي ڇڻي وڃن ٿا. ان ڪري پيداوار کي سخت نقصان رسي ٿو. اُن ڏس ۾ زرعي ماهرن جي تجربن ۽ نئين تحقيق اهو ثابت ڪيو آهي ته ڪيميائي پاڻ جي اهميت ۽ خوراڪ موجب استعمال ڪرڻ گهرجي. ان جو ذڪر هيٺ ڪيون ٿا.

نائٽروجن (Urea) هي هڪ اهم ۽ ضروري ڪيميائي پاڻ جي صورت ۾ ٻوٽن جي واڌويجهه کي وڌائي ٿو. اسان وٽ صوبي سنڌ اندر زمينن ۾ تقريباً نائٽروجن جي ڪوٽ آهي. جڏهن ته ٻوٽن کي تمام گهڻي نائٽروجن جي ضرورت پوندي آهي. خاص طور فصل ڦٽڻ کان گل ٻاتي ۽ گوگڙا ٺهڻ مهل نائٽروجن جي تمام گهڻي ضرورت پوندي آهي. گوگڙن جي واڌويجهه وقت ٻوٽا پنن جي ذريعي نائٽروجن پنهنجي طرف منتقل ڪرڻ شروع ڪندا آهن. نائٽروجن جي گهٽتائي سبب سڀ کان ڀرئين ٻوٽي جي هيٺين پنن تي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي جنهن ڪري ان جو رنگ هلڪو سائو يا پيلو ٿي ويندو آهي ان سان گڏوگڏ ٻوٽي جي واڌويجهه به رڪجي وڃي ٿي.

**فاسفورس** (DAP): فاسفورس ٻوٽي جي پاڙن، گوگڙن جي نشونما، مناسب وقت تي تيزو ۽ ريشي /رُوئي جي معيار ان ڪانسواءِ ڪڪڙي جو وزن ۽ ان ۾ تيل جي مقدار کي وڌائي ٿو. فاسفورس جي گهٽتائي سبب ٻوٽن جون پاڙون چوٽيون ۽ ڪمزور ٿين ٿيون ۽ گوگڙن جي ٽڙڻ ۽ پنن ۾ سائي مادي جي ڪوٽ اچي ويندي آهي ۽ پن ۾ ڳاڙهاڻ رنگ شڪل اختيار ڪرڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ گوگڙن جو لڳڻ پڻ گهٽجي ويندو آهي.

پوٽاشيم (SOP) ووئٽن ۾ گوگڙن اندر نهنڊڙ ريشو/روئي (Lint) جي بناوت ۾ پوٽاشيم جو اهم ڪردار آهي. پوٽاشيم جي گهٽتائي سان نه رڳو ريشي جو معيار خراب پر پيداوار تي به اثر پوندو آهي.

پر ٻوٽي جي پراڻن پنن جي ڪنارن ۽ چنهب کان سرخي ظاهر ٿيندي آهي ۽ پوري رنگت اختيار ڪري پيلاڻ طرف وڃڻ شروع ٿي ويندا آهن. فصل جو قد ننڍو ۽ ان تي بيمارين جو حملو به وڌي وڃي ٿو. ان ڪانسواءِ پاڙن جي واڌويجهه به متاثر ٿئي ٿي. ٻوٽي ۾ پوٽاشيم جي گهٽتائي جو سبب بڻجي ٿو. پوٽاشيم جي تمام گهڻي ضرورت گل جي ٺهڻ وقت هوندي آهي.

**زنڪ** (Zink): زنڪ جي گهٽتائي سبب نوان پن ننڍا ۽ پيلاڻ طرف ويندا آهن، گل ٻاتي جو ڇڻڻ تمام گهڻو ۽ ٻوٽي جي واڌويجهه تي به اثر پوندا آهن. زنڪ جي موجودگي ٻوٽي جي اندر هاضمي وارو ڪم يا ائين چئجي ته ٻين خوراڪي جزن کي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

**بوران** (Boran): بوران فصل ۾ گل ٻاتي ۽ گوگڙن جي تعداد کي اضافو ۽ انهن کي ڇڻڻ سان گڏوگڏ تيزي ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. بوران جي گهٽتائي سبب پنن ۾ پيلاڻ، گهنجيل ۽ انهن جي شڪل ۾ بگاڙ ۽ هيٺين طرف مڙي وڃن ٿا.

# ڪمند جي اک (BUD) وسيلي پوک

ڊاڪٽر عبدالفتاح سومرو، ڊائريڪٽر نيشنل شگر اينڊ ٽراپيڪل هارٽيڪلچر ريسرچ انسٽيٽيوٽ ٺٽو

پاڪستان اندر ڪمند جي سراسري پيداوار 703 مڻ في ايڪڙ آهي جيڪا ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي، جنهن جا ڪيترائي سبب آهن جن مان هڪ اهم سبب عام رواجي ۽ پراڻن طريقن سان ڪمند جي پوکي ڪرڻ آهي. ڪمند جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ لاءِ اسان کي جديد طريقي سان ڪمند جي پوک ڪرڻي پوندي جنهن سان نہ صرف سراسري پيداوار ۾ اضافو ٿيندو پر ان سان گڏوگڏ ڪمند جي ٻج جي پڻ بچت ٿيندي، جنهن لاءِ نيشنل شگر اينڊ ٽراپيڪل هارٽيڪلچر ريسرچ انسٽيٽيوٽ (اين ايس ٽي ايڇ آر آءِ) ٺٽو طرفان ڪمند جي اک وسيلي پوکيءَ جا ڪامياب تجربا ڪيا آهن ۽ هن سال کان ڪمرشل بنياد تي پوکيءَ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. ڪمند جي اک وسيلي پوک کي انگريزي زبان ۾ "Sugar Cane Bud Chip Technique" چيو ويندو آهي. هن طريقي موجب ڪمند جي پوک ڳرين بدران اکين ذريعي نرسري تيار ڪئي ويجي ٿي.

**ڪمند جي اک ذريعي پوک جي اهميت:** ڪمند جو خالص ۽ بيمارين کان پاڪ ٻج جي حاصلات آبادگارن لاءِ هڪ اهم مسئلو رهيو آهي، عام طور تي ڪمند جو ٻج بيمارين ۽ جيتن جي حملي کان متاثر ٿيل هوندو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ٻين جنسن جي ملاوٽ جو انديشو پڻ هوندو آهي. جڏهن تہ ڪمند جي اک وسيلي پوکي نج ٻج جي حاصلات جو بهترين ذريعو آهي جنهن سان ڪنهن بہ جنس جي اصل خاصيت برقرار رکڻ ۾ پڻ مدد ملي ٿي. عام رواجي طريقي سان پوک لاءِ في ايڪڙ گهٽ ۾ گهٽ 100 کان 120 مڻ في ايڪڙ ٻج گهربل آهي جنهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 72874 اکيون في ايڪڙ لڳايون وينديون آهن ۽ عام طور تي هن طريقي سان پوکيل ٻج جو ڦوٽهڙو 60 کان 65 سيڪڙو ٿائين حاصل ٿئي ٿو جنهن سبب ڪري في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو مُشڪل بڻيل آهي.

ڪنهن بہ فصل جي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ في ايڪڙ گهربل ٻوٽن جو پوراٺو ڪرڻ ضروري هوندو آهي.

ڪمند جي اک وسيلي جديد طريقي سان پوک ڪرڻ ۾ ٽوٽل ٻج جو مقدار 15 مڻ گهربل آهي جيڪو عام رواجي پوک جو ڪل 15 سيڪڙو ٿئي ٿو ۽ 85 سيڪڙو ڪمند جي ٻج جي بچت ٿئي ٿي جيڪا هڪ اهم حيثيت رکي ٿي ڇاڪاڻ تہ پاڪستان اندر پوکي ۾ ايندڙ ڪمند جي ٻج جو ڪاٽو 100x2877550مڻ جي حساب سان ٽوٽل 287755000 مڻ آهي جيڪو جيڪڏهن اک ذريعي پوکي ڪجي تہ 43163250 مڻ ٽوٽل ٻج استعمال ٿيندو ۽ باقي بچيل ڪمند شگر مل اندر پيڙهائي لاءِ استعمال ٿيندو جنهن سان نہ صرف ملڪ اندر پيدا ٿيل کنڊ جي کوٽ جو پوراٺو ٿيندو پر گڏوگڏ ملڪي ناڻي ۾ پڻ اضافو ممڪن آهي.

اک ذريعي پوک جو هڪ ٻيو اهم فائدو وقت جي بچت آهي، ڇاڪاڻ تہ سارين جي لاباري جي مند دوران ڪمند جي دير سان پوکي واري نقصان کان بچڻ لاءِ نرسري تيار ڪري بعد ۾ پوکي ڪري سگهجي ٿي.

- اک واري طريقي سان پوکيل ڪمند ۾ ٻچن ۽ لنين جو تعداد عام رواجي پوکي واري طريقي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو جيڪي اڳتي هلي پيداوار ۾ اضافي جو سبب ٿين ٿا.
- ان جو سبب شايد نرسري مان تيار ٿيل صحتمند سلن جي ابتدائي طاقت ۽ جهجهي روٽ ماس جي پيداوار آهي جيڪا بعد ۾ فصل جي خوراڪي جزن ۽ پاڻيءَ جي جذب ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ۽ نتيجي ۾ ٻوٽي جي واڌ ويجهه ٻچن ۽ لنين ۾ اضافو ٿئي ٿو.
- اک واري طريقي سان پوکيل ڪمند جي فصل جي ٻيهڪ تمام بهتر ۽ تقريبن هڪ جهڙي ٿئي ٿي.
- ڪمند جي اک (ٻڊ) مان تيار ٿيل سلن کي آسانيءَ سان هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ تي منتقل ڪري سگهجي ٿو.
- ڪمند جي سَلن کي مونڍي فصل (Ratoon Crop) ۾ موجود گوٽ يا خالن کي ڀرڻ لاءِ پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو.
- ڪمند جي اک (ٻڊ) جي طريقي سان پوکيل فصل ۾ گندگاهہ جو خاتمو ۽ ڳُڊ وغيره ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.
- هن ٽيڪنالاجي جي ذريعي نئين منظور شده ڪمند جي جنسن جو ڦهلاءُ تيزيءَ سان ڪري سگهجي ٿو.
- هن ٽيڪنالاجي جي ذريعي ڪمند جي جنسن جي جنياتي صلاحيت کي ڀرپور استعمال ڪري پيداوار ۾ اضافو آڻي سگهجي ٿو.
- آبادگارن جي سماجي ۽ معاشي حالت کي وڌيڪ بهتر ڪري سگهجي ٿو.

**ڪمند جي اک (ٻڊ) وسيلي نرسري ٺاهڻ جو طريقو:**

ڪمند جي اک (ٻڊ) وسيلي نرسري ٺاهڻ لاءِ سڀ کان پهرين خالص ۽ بيمارين کان پاڪ ڪمند جو ٻج حاصل ڪيو ويندو آهي ۽ ٻج جي

انهن لئين منجهان ڪمند جون اکيون (بڊس) هڪ ٻه چپر مشين جي ذريعي حاصل ڪيون وينديون آهن.

اهي اکيون ڪنهن سٺي ڦقوندي مار زهر (فنجيسائيڊ) جي محلول ۾ يا 51 درجا گرمي پد واري پاڻي ۾ ڪجهه دير لاءِ پسائي رکيبون آهن. ان ڪان پوءِ اهي ساڳيون اکيون هيٺ ڏنل طريقن موجب نرسري ناهڻ لاءِ استعمال ڪبيون آهن.

## نرسري ٽريز جي ذريعي براهه راست (ڊائريڪٽ)

**نرسري:** هن طريقي موجب ڪمند جي اکين (بڊس) کي پيٽ ماس سان ڀريل نرسري ٽريز جي خانن/ ڪپس ۾ براهه راست رکيو ويندو آهي بعد ۾ ٽريز ۾ موجود اکين کي گهرج مطابق پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ ڦوٽهڙي لاءِ ڇڏيو ويندو آهي. براهه راست نرسري واري طريقي سان 85 سيڪڙو تائين ڦوٽهڙو حاصل ٿيندو آهي.

## ابتدائي اُسهيل اکين (پري اسپروائوٽيڊ بڊس) جي

**ذريعي نرسري:** هن طريقي موجب ڪمند جي اکين (بڊس) کي سوتلين وارين ڳوٿن (گني بيگ) تي رکيو ويندو آهي بعد ۾ بين ڳوٿن سان ڍڪيو ويندو آهي، اکين جي بهتر ڦوٽهڙي لاءِ ڳوٿن کي گهرج مطابق ڦوهاري سان آلو رکيو ويندو آهي ۽ انهن ۾ موجود ڪمند جي اکين کي اسهڻ لاءِ ڇڏيو ويندو آهي. ڦوٽهڙي جي شروعات بعد انهن اکين کي نرسري ٽريز ۾ منتقل ڪيو ويندو آهي. هن طريقي سان تيار ڪيل نرسري ۾ 95 سيڪڙو ڦوٽهڙو حاصل ٿيندو آهي. بهتر ڦوٽهڙي سبب هي طريقو براهه راست (ڊائريڪٽ) نرسري جي طريقي کان وڌيڪ بهتر آهي.

**نرسري جي سَلن (Seedlings) جي زمين ۾ منتقلي:** نرسري وسيلي تيار ڪيل ڪمند جي سَلن (سيڊلنگس) کي 40 کان 45 ڏينهن بعد زمين ۾ منتقل ڪري سگهجي ٿو. زمين کي گهرج مطابق هر ڏئي تيار ڪجي. زمين جي سٺي تياري بعد ڪمند جي سَلن کي نرسري ٽريز مان ڪڍي زمين ۾ لڳائي پاڻي ڏيڻ گهرجي. ٻوٽا هميشه قطارن ۾ لڳائڻ گهرجن. قطار کان قطار جو فاصلو 4 فٽ ۽ ٻوٽي کان ٻوٽي جو فاصلو 1.5 فٽ تائين رکڻ گهرجي.

## شگر ڪين سيڊلنگ ٽرانسپلانٽر ذريعي نرسري جي سَلن (سيڊلنگس) جي زمين ۾ منتقلي:

ڪمند جي سلن کي زمين ۾ منتقل ڪرڻ واري عمل کي وڌيڪ آسان ۽ بهتر ڪرڻ لاءِ اسان جي اداري طرفان هڪ جديد مشين (شگر ڪين سيڊلنگ ٽرانسپلانٽر) تيار ڪرائي وئي آهي. هي جديد مشين (شگر ڪين سيڊلنگ ٽرانسپلانٽر) پاڪستان ۾ پهريون دفعو متعارف ڪرائي وئي آهي، جيڪا هڪ عام ٽريڪٽر جي ذريعي زمين ۾ ڪمند جي سَلن (سيڊلنگس) جي پوکيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿي.

هن مشين جي ذريعي نرسري مان تيار ٿيل ڪمند جا سَلا مقرر ڪيل فاصلي (1.5 فٽ ٻوٽي کان ٻوٽي جو فاصلو ۽ 4 فٽ قطار کان قطار جو فاصلو) تي زمين ۾ آسانيءَ سان پوکي سگهجن ٿا. تقريبن هڪ ڪلاڪ جي وقت اندر هڪ ايڪڙ جي ايراضي پوکي اندر آڻي سگهجي ٿي. هن مشين کي هلائڻ بلڪل آسان آهي. هن مشين جي وسيلي ڪمند پوکائي دوران وقت ۽ محنت بچت پڻ ٿئي ٿي.

ڪمند جي اک مان پوکي ۽ عام رواجي طريقي جي پوکيءَ جو في ايڪڙ ڪل خرچ جو تفصيل:

**ڪمند جي اک مان پوکيءَ جو في ايڪڙ ڪُل خرچ**

| | | |
|---|---|---|
| ٻج جو مقدار | 15 مڻ | 3000 روپيا |
| ڪمند جا سلا في ايڪڙ | 7260 | ـ |
| نرسري ٽريز جو تعداد | 146 | 5000 روپيا |
| پيٽ ماس | 73 ڪلوگرام | 9000 روپيا |
| نرسري جي مزدوري | 6 مزدور | 4200 روپيا |
| زمين ۾ ويهر جي مزدوري | 6 مزدور | 4200 روپيا |
| پاڻيءَ جي گهرج | 79.5 ايڪڙ انچ | |
| ڪيميائي ڀاڻ | 147 ڪلوگرام يوريا، 98 ڪلوگرام ڊي اي پي ۽ 90 ڪلوگرام ايس او پي | 24100 روپيا |
| ڪُل خرچ | ـ | 49500 روپيا |

**عام رواجي طريقي سان پوکيءَ جو في ايڪڙ ڪُل خرچ**

| | | |
|---|---|---|
| ٻج جو مقدار | 100ـ120 مڻ | 2000 کان 25000 روپيا |
| ـ | ـ | ـ |
| ـ | ـ | ـ |
| ـ | ـ | ـ |
| ـ | ـ | ـ |
| زمين ۾ ويهر جي مزدوري | 6 مزدور | 4200 روپيا |
| پاڻيءَ جي گهرج | 81 ايڪڙ انچ | ـ |
| ڪيميائي ڀاڻ | 220 ڪلوگرام يوريا، 120 ڪلوگرام ڊي اي پي ۽ 100 ڪلوگرام ايس او پي | 24100 روپيا |
| ڪُل خرچ | ـ | 53100 روپيا |

آبادگار ڀائرن کي اها صلاح ڏجي ٿي ته ڪمند جو نج ۽ صحتمند ٻج حاصل ڪرڻ لاءِ پوکيءَ جو هي نئون طريقو اختيار ڪن. ڪمند جي اک (بڊ) وسيلي پوکي ڪرڻ سان 85 سيڪڙو گهٽ ٻج استعمال ٿئي ٿو ۽ ان کان علاوه ڪمند ۾ بهتر انتظامي عملن کي اپنائڻ سان گڏ پوکيءَ جي هن نئين طريقي جي ذريعي 20 سيڪڙو وڌيڪ پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي.

# ڪمند جا جيت ۽ انهن جو تدارڪ

ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات زرعي توسيع سنڌ

ڪمند جي فصل کي جيڪي جيت نقصان رسائين ٿا اُنهن ۾ چوٽيءَ وارو ڪينئون، لٺ وارو ڪينئون، پاڙ وارو ڪينئون ۽ جوئر جي لٺ جو ڪينئون، ميلي بگ، ڪارو بگ، اڇي مک، ٽرڙو جوئِ، اڏوهي ۽ گهوڙا مک شامل آهن. هتي مُکيه جيتن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

**1. چوٽيءَ وارو ڪينئون (Sugarcane Top borer):** هن ڪينئين جو حمو مارچ مهيني کان شروع ٿيندو آهي ۽ آڪٽوبر تائين 5 کان 7 سيڪڙو فصل کي نقصان رسائيندو آهي. جيت جي مادي پنن تي آنا لاهيندي آهي. اُنهن مان ڪينئان نڪرڻ کان پوءِ اهي 10 کان 15 ڪلاڪن تائين پنن تي موجود هوندا آهن ۽ انهن کان پوءِ ڪمند جي اندر داخل ٿي ان کي نقصان رسائڻ شروع ڪندا آهن جنهنڪري چوٽي واري شاخ سُڪي ويندي آهي ۽ متي سوراخ نظر ايندا آهن.

**2. چڙيءَ وارو ڪينئون (Sugarcane Stem borer):** جڏهن ڪمند ۾ چڙي (لٺ) نهڻ شروع ٿئي ٿي تہ هن جيت جو حملو شروع ٿي ويندو آهي. هي جيت اپريل جي مهيني کان شروع ٿي ويندو آهي ۽ آڪٽوبر مهيني تائين هلندو آهي. هن جيت جي نشانيءَ طور چڙي جي سڪل چوٽيءَ تي ننڍڙا سوراخ نظر ايندا آهن. هن جيت جي منڍيءَ تي پنج سنها لِيڪا هوندا آهن.

**3. پاڙ وارو ڪينئون (Sugarcane root borer):** متي جاڙايل جيت جي مقابلي ۾ هن جو حملو گهٽ هوندو آهي. پر شهيد بينظير آباد (نوابشاهه) جي علائقي ۾اِهو جيت گهڻو نظر ايندو آهي. متي سڪل چوٽيءَ سان گڏ پهريون پن بہ سڪل هوندو آهي ۽ پاڙ سان گڏوگڏ پاڙ کان متي بہ ٻن کان ٽن گرين تائين موجود هوندو آهي. هي جيت بہ آڪٽوبر تائين پنهنجا پنج نسل پورا ڪندو آهي.

**4. جوئر جي ڪاني وارو ڪينئون (Jowar Stem borer):** هي جوئر جي ڪاني جو ڪينئون آهي، پر جيئن تہ جوئر ڪمند جي ويجهي پوکي وڃي ٿي ان ڪري جوئر جي فصل تيار ٿيڻ کان پوءِ هي جيت ڪمند تي حملو ڪري ٿو هن جيت جي سڄاٽپ ۽ زندگي وارو مرحلو بہ ساڳيو آهي جيڪي متئين ڪاني واري ڪينئين ۾ جاڙايل آهي.

**5. ڪارو منگهڻ (Black Bug):** ڪمند ۾ پن ڪُتري ڪائيندڙ ڪاري منگهڻ جو حملو نظر اچي تہ ان جي ضابطي لاءِ ڪلورو پائيريفاس وارا زرعي زهر 1000 ملي لٽر في ايڪڙ جي حساب سان ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

**6. گهوڙا مک (Pyrilla / Leaf Hopper):** هي جيت ڪمند جي سيني جنسن کي نقصان رسائي ٿو پر گهڻو ڪري اُهي جنسون جن جا پن ويڪرا ۽ ٿلها ٿين ٿا. انهن ۾ رس وڌيڪ هئڻ ڪري وڌيڪ نقصان ڏئي ٿو. هن جيت جي حملي جي صورت ۾ ڪمند جي واڌ رڪجيو وڃي ۽ ڪمند ۾ کنڊ جو مقدار گهٽجي وڃي ٿو.

هن جا ٻچا ۽ وڏا (پويت) ٻئي نقصان رسائين ٿا. هي جيت پنن ۾ رس چوسي ماکيءَ جهڙي پاٽيات خارج ڪري ٿو. جيڪا پنن کي ڪارو ڪري ڇڏي ٿي جنهن جي ڪري پنن ۾ خوراڪ ٺهڻ جو عمل رڪجي وڃي ٿو ۽ آخرڪار ٻوٽي جا پن سڪيو وڃن. هي جيت جنوري کان مارچ تائين ٻچي (Nymph) جي صورت ۾ رهي ٿو. اپريل ۾ ٻچا وڏا ٿي ڪمند تي حملو ڪن ٿا. هن جا سال ۾ 6 کان 8 نسل ٿين ٿا ۽ جولاءِ کان سيپٽمبر تائين هن جي واڌ گهٽي ٿيندي آهي. هن جيت جي ضابطي لاءِ ليمڊا سهائيلوٿرين 300 کان 350 ملي لٽر يا ڪلوروپائريفاس 500 ملي لٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.

**جيتن کان بچاءُ لاءِ اپاءُ (Control Measures):**

1. هر قارستي جيتن کان بچاءُ (Cultural Control).
2. هميشہ صاف ۽ صحتمند ٻج استعمال ڪجي.
3. سفارش ڪيل ڀاڻ صحيح مقدار ۾ وقتائتو استعمال ڪرڻ گهرجي.
4. ڪمند مان گندگاهہ ۽ گُڏ جو خاص خيال ڪرڻ گهرجي.
5. ڪمند جي وڍ کان پوءِ ٽِبين کي گُڏ ڪري ساڙڻ گهرجي.
6. هڪ کان وڌيڪ منڍي وارو فصل ونڍ نہ گهرجي.
7. هميشہ سڪل ۽ پراڻو وٿاڻ جو ڀاڻ استعمال ڪرڻ گهرجي.

**حياتياتي طريقو (Biological Control):** حياتياتي جيتن جي نسل کي بچائڻ لاءِ جيستائين ٿي سگهي زهريلين دوائن جو استعمال گهٽ ڪرڻ گهرجي. نقصانڪار جيتن جا آنا جيئن پنن تي نظر اچن تہ هنن کي گڏ ڪري ناس ڪري ڇڏجن شديد حملي جي صورت ۾ فائديمند جيت ڇڏڻ گهرجن انهن ۾ ٽرائڪو گراما وڏي اهميت رکن ٿا. هن فائديمند جيت مان تمام بهتر نتيجا مليا آهن. هي جيت تحقيقي ادارن ۽ مختلف شگر ملن مان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

**روشنيءَ جي ڦندي وارو طريقو (Light Traps):** هن طريقي ۾ جيتن کي ڦاسائڻ لاءِ رات جو فصل ۾ بتي (لالٽين) رکيا وڃن ٿا جنهن جي روشني تي مختلف ڪينئن جا پتنگ ۽ پويت گڏ ٿين ٿا ۽ لالٽين جي هيٺيان گاسليٽ مليل پاڻي ۾ ڦاسي مرن ٿا انهيءَ کان علاوه جيتن جي نرن کي ڦاسائڻ لاءِ جنسي ڦندا (فيرامون) جو استعمال عام آهي.

**ڪيميائي طريقو (Chemical Control):** مؤثر ۽ ترت خاتمي لاءِ زرعي زهرن جو استعمال حد جي زرعي ڪارڪن جي مشوري سان ڪرڻ گهرجي.

# سائي ستابي سنڌ

## ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ

**ڪٽڪ:** تيار ڪٽڪ جو لابارو ڪجي. لاباري ۾ دير ڪرڻ سان 5 کان 10 سيڪڙو نقصان ٿي سگهي ٿو. لابارو صبح جو سوير ڪرڻ گهرجي. لابارو زمين سان لائي ڪرڻ گهرجي جيئن ڀهه وڌيڪ حاصل ٿئي.

**وونئڻ:** وونئڻ خريف جي موسم جو اهم فصل آهي ۽ ڍڳهي پاڙ وارو فصل آهي انهيءَ لاءِ زمين کي راجا پنج قاري سان اونها هَرَ ڏيڱهه ۽ ويڪر ۾ ڏيڻ گهرجن ۽ زمين جي تياري چڱي ريت ڪرڻ گهرجي.

ڪپهه جون تصديق ٿيل جنسون پنهنجي علائقي مطابق سفارش ڪيل وقت تي پوک ڪرڻ گهرجي.

**پوکيءَ جا وقت:**

| علائقو | پوکيءَ جو وقت |
|---|---|
| ٽر ميرپورخاص، عمرڪوٽ | 1 اپريل کان 30 اپريل |
| حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊوالهيار، مٽياري ۽ جامشورو | 15 اپريل کان 15 مئي |
| سانگهڙ | 15 اپريل کان 20 مئي |

**پوکيءَ جو طريقو ۽ ٻج جو مقدار:**

| ٻج جو مقدار پوکيءَ جو طريقو | ٻج واري ٻج جو مقدار (في ايڪڙ) | ٻج لٿل ٻج في (في ايڪڙ) |
|---|---|---|
| ناڙي پوک | 8 کان 10 ڪلوگرام | 5 کان 6 ڪلوگرام |
| ڪرين ۽ ٻٽن واري پوک | 3 کان 4 ڪلوگرام | 2 کان 3 ڪلوگرام |

**ٻهارو وارو ڪمند:** فاسفورس ۽ پوٽاشيم وارا ڀاڻ (ڊيڊ يوري ڊي اي پي، 2 کان 3 ٻوريون ايس او پي) ۽ هڪ کان ڊيڊ يوري يوريا ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن پوکائي وقت ڀاڻ نه ڏنو ويو آهي.

**سرءَ وارو ڪمند:** جيت، ڪيڙي ۽ بيماري جي جانچ ڪجي جيڪڏهن ڪٿي نظر اچن ته حد جي زرعي ماهر جي مشوري سان زرعي زهر جو ڦوهارو ڪجي.

سرءَ واري فصل ۾ گندگاهه صاف ڪجي. 8 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان پاڻي گهرج مطابق ڏيڻ گهرجي.

**انب:**

- باغن جي وچ ۾ فصل پوکڻ نه گهرجي.
- ميووي تي انٽرا ڪنوز بيماري جي حملي جي چڪاس ڪجي.
- باغن کي 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان ضرورت مطابق پاڻي ڏجي.
- ميووي جي مک کان بچاءَ لاءِ جنسي ڦندا جهڙوڪ ميٿائل يوجينال

جا 8 ڊٻا في ايڪڙ استعمال ڪجن. 15 ڏينهن کان پوءِ انهن جي دوا ٻيهر لڳائجي.

**ڪيلو:**

نيماٽوڊس ڪيلي جي پاڙ جي ويجهو چڱي نموني سان جانچيو وڃي حملي جي صورت ۾ فيوسن گرينيولرز 8 ڪلوگرام في ايڪڙ يا فيرونل 480 ملي لٽر في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجي.

انبن جي باغن ۾ انب جي مجز کي جانچجي، ضابطي لاءِ ٿالسٽار 150 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ يا ايماميڪٽن 150 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. يا حد جي زرعي ڪارڪن سان مشورو ڪجي.

**لاهوري گجر:**

**پوکيءَ جو وقت:** اپريل کان مئي.

**ٻج جو مقدار:** 6 انچ جي ولين جا ٽڪر 5 مڻ في ايڪڙ پوکڻ گهرجن.

**پوکيءَ جو طريقو:** ڪريا.

**سنڍ يا ادرڪ:**

**پوکيءَ جو وقت:** مارچ کان اپريل

**ٻج جو مقدار:** 10 کان 12 مڻ گنڍيون في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** ڪريا.

**هيڊ:**

**پوکيءَ جو وقت:** مارچ کان اپريل

**ٻج جو مقدار:** 15 کان 17 مڻ گڙيون في ايڪڙ:

**پوکيءَ جو طريقو:** ڪريا

**مرچ:** مرچن جي جنس جهڙوڪ ڪنري ون، نگينہ، ميڪسي، ڍڳهي گول چهنبدار، گهوٽڪي ۽ صنم جو رونبو مارچ کان اپريل ۾ ڪري سگهجي ٿو.

ڪيري، گدري ۽ ٻين ڀاڄين ۾ جاريدار سينهور واري بيماري لاءِ حد جي زرعي ڪارڪن جي مشوري سان انٽراڪول 250 گرام ڊبليو پي يا رڊومل گولڊ زرعي ڪارڪن جي مشوري سان ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

**بصر:** بصر ۾ جاريدار سينور واري بيماري کان بچاءَ لاءِ ميٽاليڪش، مينڪوزيب 250 گرام في 100 لٽر پاڻي ۾ يا رڊومل گولڊ 250 گرام في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي 7 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان ڦوهارو ڪجي يا حد جي زرعي ڪارڪن سان مشورو ڪجي.

# سارين جي فصل جي تياري

ڊائريڪٽوريٽ زرعي توسيع لاڙڪاڻو ڊويزن

سارين جو فصل پاڪستان جو اهم فصل آهي دنيا ۾ سارين پيدا ڪندڙ ملڪن جي وڏ ۾ وڏ پيداوار ڏيندڙ ملڪن جي فهرست ۾ پاڪستان جو ڏهون نمبر آهي جڏهن ت سارين جي ايراضي جي لحاظ سان نهيل سڄي دنيا جي ترتيب ۾ اٺون نمبر جڏهن ته سارين جي وڏيڪ پيداوار ونندڙ ملڪن جي خلاصي ۾ پاڪستان ائين نمبر تي آهي. پاڪستان جي برآمدات ۾ چانورن جو 9.8 سيڪڙو حصو آهي جنهن سان پاڪستان تقريبن 02 ارب ڊالر ساليانو پرڏيهي مٽاسٽا وارو ناڻو ڪمائي ٿو. سارين جو فصل پاڪستان ۾ 28 لک هيڪٽر ايراضي تي پوکيو وڃي ٿو جڏهن ته سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 7.5 لک هيڪٽرس ايراضي تي هي فصل پوکيو وڃي ٿو.

مٿين انگ اکرن مان سارين جي فصل جي اهميت جي خبر پوي ٿي انهيءَ لاءِ ايندڙ مهيني کان سارين جي فصل جي ٻج جي خريداري ۽ ٻيجارن جي تياري شروع ٿيڻ واري آهي انهي لاءِ آبادگار ڀائرن جي لاءِ سارين جي فصل جي جنسن ۽ ٻيجاري جي تياري لاءِ چند سفارشون پيش ڪجن ٿيون.

**جنس جو انتخاب :** سارين جي فصل جون جنسون ٽن قسمن جون ٿين ٿيو 1. آگاتيون 2. وچوليون 3. پاڇاتيون جنسون.

**آگاتيون جنسون:** هي جنسون رونبي کانپوءِ 120 کان 130 ڏينهن ۾ پچي راس ٿين ٿيون جن ۾ اري- 6، اري-8، شاندار، سدا حيات، ڪي ايس ڪي 282 اچي وڃن ٿيون.

**وچوليون جنسون:** هي جنسون رونبي جي 105 کان 110 ڏينهن ۾ پچن ٿيون جن ۾ ڊي آر-82، ڊي آر-92، شاهڪار اچي وڃن ٿيون.

**پاڇاتيون جنسون:** هي جنسون رونبي جي 90 ڏينهن جي اندر پچن ٿيون هنن ۾ ڊي آر-83 ۽ وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ پاڇاتي جنس سنڌ سڌار انهي کان علاوه تقريبن سيئي هائبرڊ جنسون پاڇاتيون آهن جن ۾ گارڊ ايل پي-18، ڊائمنڊ، تارا، انقلاب، ٽيپو وغيره وڌيڪ پيداوار ڏيڻ ڪري آبادگارن ۾ مقبول آهن انهي کان علاوه سارين جون باسمتي جنسون انهن علائقن ۾ جتي پاڻي پاڇاتو آهي پڻ عام جام پوکيون وڃن ٿيون جن ۾ سپر باسمتي، ملينيم باسمتي ۽ پي ايس -2 پڻ پوکجن ٿيون.

آگاتي جنسن جو ٻيجارو ڏکڻ سنڌ ۾ اپريل جي ٽئين هفتي کان مئي جي ٻئي هفتي تائين پوکجي جڏهن ته رونبو مئي جي ٽئين هفتي کان جون جي ٻئين هفتي تائين ڪرڻ گهرجي.

اتر سنڌ ۾ آگاتي جنسن جو ٻيجارو مئي جي ٻئين هفتي کان جون جي ٻئين هفتي تائين پوکجي جڏهن ته 25 ڏينهن جو ٻيجارو جون جي 15 تاريخ کانپوءِ جولاءِ جي 15 تاريخ تائين رونبو ڪرڻ گهرجي.

اهڙي طرح وچولين جنسن جو ٻيجارو ڏکڻ سنڌ ۾ مئي جي ٻئين هفتي کان جون جي ٽئين هفتي تائين پوکجي جڏهن ته رونبو جون جي ٻئين هفتي کان جولاءِ جي ٽئين هفتي تائين مڪمل ڪجي. جڏهن ته ڏکڻ سنڌ ۾ وچولين جنسن جو ٻيجارو مئي جي آخري هفتي کان جون جي آخري هفتي تائين پوکجي جڏهن ته رونبو وري ٻيجاري جي 25 ڏينهن بعد ڪرڻ گهرجي يعني جون جي آخري هفتي کان جولاءِ جي آخري هفتي تائين لڳائجي. پاڇاتين جنسن جو ٻيجارو ڏکڻ سنڌ ۾ جون جي پهرين هفتي کان جولائي جي پهرين هفتي تائين پوکجي ۽ رونبو جولائي جي پهرين هفتي کان آگسٽ جي پهرين هفتي تائين ختم ڪجي جڏهن تي اتر سنڌ ۾ ٻيجارو جون جي ٽئين هفتي کان جولائي جي ٻئين هفتي تائين پوکجي جڏهن ته رونبو جولاءِ جي ٽئين هفتي کان شروع ڪجي ۽ آگسٽ جي ٽئين هفتي ۾ ختم ڪجي.

**نوٽ:** جنس هميشه آبپاشي جي پاڻي جي موجودگي کي نظر ۾ رکي ڪرڻ گهرجي. آگاتو پاڻي هجي ته سفارش ٿيل آگاتيون جنسن جو ٻج لڳائجي نه ڪي پاڇاتي جنسن جو ائين ڪرڻ سان فصل ۾ ڪس ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي.

**ٻج جو مقدار:** اري-6، اري-8، سدا حيات، ڊي آر-92 ڊ آر-82، ڊي آر-83 ۽ ڪنول-95 لاءِ 12 کان 15 ڪلو گرام في ايڪڙ جي ٻيجاري لاءِ جڏهن ته خوشبو-95، شاداب، شعاع-92 سرشار مهڪ، شاندار نيا-مهراڻ لاءِ 4 کان 5 ڪلوگرام هڪ ايڪڙ جي ٻيجاري لاءِ سفارش ٿيل آهي. ساڳي ريت هائبرڊ جنسن جو 05 کان 06 ڪلو گرام ٻج ايڪڙ جي ٻيجاري لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي.

**ٻيجاري جي تياري:** 20 - 25 فوٽ جون ڀارين يا اڌ ويسي جو ڀارين ڪنهن مٿاهين جاءِ تي ناهجن، روٽاويٽر هر هٽي زمين کي نرم ۽ پريرو ڪرڻ گهرجي جيئن زمين مان آساني سان پاڻي ڪجي وڃي.

ڀارين مٿان وٿاڻ جي ڀاڻ يا پلال جي ڪٽي جو ته ناهي وسنهن ڏجي، وسنهن مڪمل ٺرڻ کانپوءِ ريج ڏئي پوکڻ کان اگ ۾ 12 ڪلاڪن تائين پسائي رکيل سارين جو ٻج خشڪ ڪري پوکڻ گهرجي پوکي کانپوءِ ٻيجاري ۾ ڦڪاڻ نظر اچي ته هڪ ڪلو گرام يوريا ڀاڻ في ڀاري ڪرڻ گهرجي اهو ياد رکڻ گهرجي ته ٻيجاري کي ڊي اي پي يا فاسفورس وارو ڪب ڀاڻ هرگز نه ڏجي، ڊي اي پي ڏيڻ سان ٻيجارو ڀاڙ هٽي ويندو 25 ڏينهن کانپوءِ ٻيجارو رونبي لاءِ تيار هوندو آهي.

# ٿرپارڪر ضلع جا بئراجي (نهري) علائقا ۽ ان ۾ خريف جي مند ۾ ٿيندڙ فصل

وجي ڪمار، ڊپٽي ڊائريڪٽر زرعي توسيع مٺي

ضلع ٿرپارڪر جو بئراجي (نهري) علائقو ضلعي جي صرف هڪ تعلقي ڪلوئي جي ٽن يونين ڪائونسل ۽ انهن جي 9 ديهن تي مشتمل آهي. نهري پاڻي جيڪو ٿرپارڪر جون زمينون آباد ڪري ٿو اهو سکر بئراج مان نڪرندڙ نارا ڪئنال جي منڙائو واهه جو پوڇڙ وارو علائقو آهي، جنهن مان هڪ خاص شاخ رڻ شاخ (Rin Destry) ۽ ان مان نڪرندڙ ڊيپلو مائنر (Diplo Minor) ۽ لنجا فيڊر (Linja Feeder) برانچون نڪرن ٿيون ۽ رڻ شاخ جي پرسان سيڙهي مائنر (Serhi Minor) نڪري ٿي جنهن مان زمينون آباد ٿين ٿيون.

ٿرپارڪر ضلعي جي بئراجي (نهري) علائقن جي ٽوٽل زمين51784 ايڪڙ آهي، جنهن جو هڪ اندازي موجب 22% - 20% خريف جي موسم ۾آباد ٿيندو آهي، ۽ 25% - 30% ربيع جي مند ۾ آباد ٿيندو آهي. ٿرپارڪر جا بئراجي علائقا نهري نظام جي پوڇڙ ۾ آهن، انهي ڪري ساليانو وارابندي ڪانسواءِ بہ سجو سال شاخون وارابندي (Rotation) تحت هلن ٿيون.

**خريف جي مُند ۽ ان ۾ ٿيندڙ فصل:** سڄي مُلڪ جي ڀيٽ ۾ ٿرپارڪر جا نهري علائقا خريف جي موسم ۾ آگاتي پوک لاءِ موزون تصور ڪيا وڃن ٿا. خريف مُند جي پوکي فيبروري جي آخري هفتي کان شروع ٿيندي آهي جيڪا اپريل ۽ مئي جي مهيني تائين جاري رهندي آهي.

خريف جي مند ۾ خاص فصلن ۾ وونئڻ، لونگي مرچ ۽ ڪمند جا فصل اچي وڃن ٿا، ان ڪانسواءِ ننڍن فصلن (Minor Crops) ۾ خريف / اونهاري جون ڀاڄيون، سورج مُکي، ٻاجهر،، مڪئي ۽ اونهاري ۾ ٿيندڙ گاهه وغيره جي پوک بہ ننڍي پيماني تي ٿئي ٿي.

**ٿرپارڪر ۾ وونئڻ جي پوک لاءِ سفارشون:**

وونئڻ خريف جي مند جو اهم ناڻي وارو فصل آهي، سنڌ ۾ جتي بيا فصل پوکيا وڃن ٿا اُتي وونئڻ کي خاص اهميت حاصل آهي. وونئڻ ٿرپارڪر ضلعي جي بئراجي علائقي ۾ بہ خريف جي مند جوخاص فصل آهي. انهي علائقي جون زمينون بہ ڪس جو علائقو هئڻ ڪري تمام زرخيز ۽ وونئڻ جي پوکي لاءِ موزون آهن. هيٺ ڏنل طريقن تي عمل ڪري وونئڻ جي فصل مان وڌ ۾ وڌ پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي.

**وونئڻ جي پوکي وقت ۽ ان جي اهميت:** سنڌ جي مختلف علائقن لاءِ پوکي جا مختلف وقت مقرر ٿيل آهن پر اسان جا آبادگار ڀائر انهي ڳالهہ تي گهٽ توجہ ڏين ٿا جنهن ڪري وونئڻ جو فصل جئين ٿورو وڏو ٿئي ٿو تہ ان ۾ ڪجهہ پيچيدگيون پيدا ٿين ٿيون. خاص ڪري اهو ڏٺو ويو آهي تہ سفارش ڪيل وقت کان اڳ ۾ پوڪائي ڪرڻ سان ڳاڙهہ پني جو مرض ۽ رس چوسيندڙ جيتن جو حملو شديد ٿئي ٿو جنهن ڪري پيداوار کي ڪاپاري ڌڪ لڳي ٿو. ٿرپارڪر ضلعي ۾ وونئڻ جي پوکي جو شفارش ڪيل وقت 1 مارچ کان 15 اپريل تائين آهي.

وونئڻ جي پوک مارچ جي مهيني جي شروعات ۾ شروع ٿيندي آهي جيڪا اپريل مهيني جي آخر تائين بہ پوکي جاري رهندي آهي. ٿرپارڪر ضلعي ۾ وونئڻ جو فصل اندازي موجب 2200 کان 2600 ايڪڙن تائين پوکبو آهي، ڪنهن موسم ۾ ٿورو گهٽ تہ ڪڏهن ٿورو وڌ. وونئڻ جي پوکي تقريباً ڪيرڻ تي ٿيندي آهي، پر ڀاڃاتي پوک جهڙوڪ اپريل مهيني جي آخر ۾ ڪٽي ڪٽي ناڙي جي ذريعي بہ وونئڻ جو فصل پوکيو ويجي ٿو.

**زمين جي چونڊ ۽ تياري :** وونئڻ جي فصل لاءِ نرم لتاسي يا وچولي زرخيز زمين جي چونڊ ڪجي جئين تہ وونئڻ اونهي پاڙ وارو فصل آهي تنهن ڪري زمين جي تياري بہ اونهائي تائين ڪرڻي پوي ٿي. اونهائي لاءِ جن زرعي اوزارن جي ضرورت پوي ٿي انهن ۾ ٽريڪٽر سان ڇڪندڙ ڳرا هر جهڙوڪ. راجا هر، ٽالهين وارو هر ۽ چيزل هر اچي وڃن ٿا. راجا هر عام پوکي هيٺ ايندڙ زمين ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ چيزل هر زمين ۾ اونهي هر طور استعمال ٿئي ٿو. چونڊيل زمين کي سڪيءَ جا اونها هر ڏيئي، ان ڪانپوءِ گوبل جا هر ڪِراس ۾ هڻجن تہ پتر ڀُري ختم ٿي وڃن ۽ زمين کي هموار ڪرڻ لاءِ ڪيڻ يا ليزر ليولر سان هموار ڪري مستطيل قسم جا ٻارا ٺاهجن ۽ انهن جي وچ مان ناليون اهڙي طرح ڪيجن جئين هر ٻاري کي پاڻي الڳ ملي سگهي. انهي طريقي سان ناڙي ذريعي پوک ڪجي. ڪيرين تي پوکي لاءِ زمين هموار ڪرڻ ڪانپوءِ ڪلٽيويٽر هٽي روٽاويٽر گهمائي پوءِ ڪيريا ڪيجن.

ياد رکو تہ سُڪي زمين صرف عام ڪلٽيويٽر يا گوبل ذريعي هرگز تيار نہ ڪجي ڇاڪاڻ تہ گوبل ۽ عام ڪلٽيويٽر گهڻو هيٺ نٿو لهي ان ڪري زمين سُٺي تيار نٿي ٿئي.

**پوکي جا طريقا:** وونئڻ جي پوک ناڙي يا ڪيرين وسيلي ڪئي وڃي ٿي، ڪريا پوک وڌيڪ ڪامياب آهي تنهن ڪري هر آبادگار کي وونئڻ ڪرين تي پوکڻ گُهرجن پر جئين تہ ٿرپارڪر ضلعي جو بئراجي علائقو آبپاشي نظام جي پوڇڙ ۾ آهي ۽ پاڻي جي کوٽ بہ شديد آهي. اُتي ڏٺو ويو آهي تہ آبادگار بارش جي موسم کان هڪ يا سواءِ مهينو اڳ زمين کي هڪ سُنو ريج ڏيئي ناڙي جي پوک ڪن ٿا.

سخت ۽ ڪلرائين زمينن ۾ ڪريا پوک کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. وونٽڻ جي ناڙي رستي پوک لاءِ قطارن جي وچ ۾ "9 انچ مفاصلو رکيو وڃي.

ڪرين تي پوک تائيم مطابق ( وقت سر ٿيل آهي) ته مفاصلو هڪ فُٽ جو رکجي. ٿورو پاڇاتي پوک ۾ اهو مفاصلو گهٽائي 6 کان 9 انچ تائين رکبو آهي. ڪرين ۾ وچ واري نالي مُني فوٽ کان وڌيڪ گهيري نه هجي.

**وٽاڻ جي پاڻ جو استعمال:** هر ٻن يا ٽن سالن جي وقفي کان پوءِ تي ترڪون وٽاڻ جي ڳريل سڙيل پاڻ پوکي کان مهينو کن پهريان ڏيئي هڪدم هرن جي رستي ملائي ريج ڪجي.

**سفارش ڪيل جنسون:** ٿرپارڪر ضلعي ۾ اها خاص ڳالهه نوٽ ڪئي ويئي آهي ته آبادگار پائر صرف (B.T) جنسن جي پوکائي ڏانهن مائل آهن. پوئين پنجن سالن جو لاڙو (Trend) ٻڌائي ٿو ته 95٪ کان 98٪ پوکي بي ٽي ( B.T ) جنسن جي ٿيندي آهي. اهي ٻج حاصل ڪرڻ لاءِ اهو به ڌيان ۾ نه رکندا آهن ته اهو ٻج (جنس) سفارش ڪيل آهي يا نه. انهي ڪري ڪن جڳهن تي ڪجهه مسئلا پيدا ٿيا آهن جهڙوڪ ميلي بگ جو شديد حملو جيڪو ٽُڪرن ٽُڪرن ۾ فصل جو مڪمل خاتمو ڪري ڇڏيندو آهي. آبادگار پائرن کي گهرجي ته هيٺ سفارش ڪيل جنسون پوکين جنهن ۾ FH_1000, IR_ Neelum 121(B.T) , IR 3701(B.T), Tarzan_ 901BT, FH_142(B.T), MNH _886(B.T), ڪرس, شهباز سنڌ I, هاري دوست 1(B.T), Leader_3(B.T), 134 صدوري, ڪرس_510, ڪرس_129, ڪرس_533 وغيره.

**ٻج جو مقدار:** ناڙي پوک لاءِ 8 کان 10 ڪلو گرام في ايڪڙ

ڪيرين واري پوک لاءِ 3 کان 4 ڪلو گرام في ايڪڙ

**ڇدائي ۽ ٻوٽن جو صحيح تعداد:** هڪ خاص ڪم جنهن ۾ ٿرپارڪر جي آبادگار پائرن کي ٿورو پوئتي ڌنو ويو آهي اهو آهي ته ٻوٽن جي ڇدائي واور عمل. ڇدائي جي عمل جي وونٽڻ جي فصل ۾ خاص اهميت آهي. انهي لاءِ آبادگار پائرن کي گذارش آهي ته ڇدائي جو عمل وقت تي مڪمل ڪن جئين فصل جي واڌ ويجهه سُٺي ٿي ۽ جيتن ۽ بيمارين جو حملو به گهٽ ٿئي.

وونٽڻ جي ناڙي پوک ۾ ڇدائي پهرئين پاڻي ڏيڻ کان اڳ ڪرڻ گهرجي جڏهن ته ڪيريا پوک ۾ ٻوٽا جڏهن 4 کان 5 انچ جا ٿين تا تڏهن جتي هڪ کان وڌيڪ ٻوٽا گڏ ٻيٺل آهن ان مان صحتمند ٻوٽي کي رکي باقي ڪمزور ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن ۽ ٻوٽن جو مفاصلو 9 انچ کان سوا فُٽ تائين زمين جي زرخيزي مطابق رکڻ گهرجي. ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو 9 انچ هوندو ته ٻوٽن جو تعداد في ايڪڙ 22000 تائين ٿي سگهي ٿو. ڇدائي هڪ ئي دفعي ۾ مڪمل ڪجي.

**خال ڀرڻ:** ڪيرين واري فصل ۾ ٻوٽن جو گهربل تعداد حاصل ڪرڻ لاءِ جتي ٻج نه ڦُٽي اتي 10 ڏينهن اندر ڄُنگي لڳائي خال ڀرڻ گهرجي.

**گڏ ڪرڻ:** گند گاهه وارا ٻوٽا وونٽڻ جي فصل کي گهڻو نقصان رسائين ٿا.اهي ٻوٽا پاڻي ۽ خوراڪ جو وڏو مقدار ڪٽي وڃن ٿا جنهن ڪري فصل جي نشونما تي خراب اثر ٿئي ٿو. وقت سِر گند گاهه جو خاتمو آڻڻ تمام ضروري آهي. ناڙي پوک ۾ پهرين گُڏ پنجو تي، ٻي گُڏ پهريون پاڻي ڏيڻ کانپوءِ زمين وٺ اچڻ تي ۽ ٽين گُڏ ٻيو پاڻي ڏيڻ بعد وٺ اچڻ تي ڪيڻ گهرجي. جڏهن ته ڪيرين واري پوک کي پهرئين گُڏ ٻئي پاڻي کانپوءِ زمين وٺ اچڻ تي ۽ باقي گُڏون هر ٻئي پاڻي کانپوءِ زمين وٺ اچڻ تي ڪيدي ڇڏڻ گهرجن.

**پاڻي ڏيڻ:** ناڙي واري فصل کي پوکي کانپوءِ 30 ڏينهن اندر پهريون پاڻي ڏجي ۽ باقي پاڻي هر 15 کان 20 ڏينهن جي وقفي تي ڏيڻ گهرجي. ڪيرين واري پوک ۾ شروعاتي ٽي پاڻي هڪ هفتي جي وقفي سان ڏجن ۽ پوءِ اهو وقفو 10 کان 15 ڏينهن تائين به ٿي سگهي ٿو پر اهو زمين جي وٺ کي محفوظ رکڻ جي صلاحيت تي دارومدار رکي ٿو. پاڻي هميشه مناسب مقدار ۾ ڏيو.

**پاڻ جو استعمال:** ٿرپارڪر ضلعي جي ٻئراجي علائقي جي زمين جو تجزيو ڪرڻ کانپوءِ اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته گهڻين زمينن ۾ به خاص عنصرن جهڙوڪ فاسفورس ۽ نائٽروجن جي ڪوٽ آهي جڏهن ته پوٽاس مناسب مقدار ۾ موجود آهي. جڏهن ته نامياتي مادي جي تقريبن سمورين زمينن ۾ ڪوٽ آهي انهي لاءِ هر ٽن سالن کانپوءِ مال جو ڳريل سڙيل پاڻ جون به ترڪون في ايڪڙ ۽ هر چوٿين سيزن کانپوءِسائي پاڻ جي استعمال سان زمين جي زرخيزي ۽ پاڻي جهلڻ جي صلاحيت کي برقرار رکي سگهجي ٿو.لٿياسي زرخيز زمين ۾ زمين جي آخري تياري وقت هڪ کان سوا ٻوري DAP پاڻ ، اڌ ٻوري SOP ۽ اڌ ٻوري يوريا جي ڏيڻ گهرجي ان کانپوءِ زمين جي زرخيزي مطابق 20 کان 22 ڏينهن کانپوءِ اڌ کان هڪ ٻوري يوريا جو استعمال ڪجي.. ڳل پاڻي جي وقت تي نائٽروجن پاڻ جو استعمال بلڪل ضروري آهي. باقي هر 15 يا 20 ڏينهن جي وقفي سان اڌ کان سجي ٻوري يوريا ( اها زمين جي زرخيزي مطابق) في ايڪڙ تي استعمال ڪجي.

ڪمزور ڪلرائين ٻنين ۾ يوريا ۽ DAP جو استعمال نه ڪجي يا گهٽ ڪجي انهن زمينن لاءِ هڪ کان سواءِ ٻوري TSP يا ٻه کان اڍائي ٻوري نائٽروفاس يا ٽي ٻوريون SSP جون فاسفورس طور شوراعاتي طور ڏجن نائٽروجن پاڻ لاءِ امونيم نائٽريٽ يا امونيم سلفيٽ 2 ٻوري (متبادل هڪ ٻوري يوريا) طور استعمال ڪجي.

**جيت ۽ انهن کان بچاءُ:** وونٽڻ جي فصل کي ٻن قسمن جا جيت نقصان رسائين ٿا انهن مان هڪڙا رس چوسيندڙ جيت جهڙوڪ ٿرپس، سائو مهلو. اڇي مک، ميلي بگ، ايفڊ ۽ جون وغيره اچي وڃ ٿا. ٻئي قسم جي جيتن ۾ ڪنيئان اچن ٿا جهڙوڪ امريڪن ڪينئون، گلابي ڪينئون، چٽڪبرو ڪينئون ۽لشڪري ڪينئون وغيره اچي وڃن ٿا. رس چوسيندڙ جيتن جو حملو ٻوٽي جي نڪرڻ کان پوءِ 15

ڪان 20 ڏينهن ڪان پوءِ شروع ٿي ويندو آهي. جڏهن ته ڪينئان گهٽو ڪري حملو تڏهن ڪندا آهن جڏهن ٻوٽي ۾ گل ۽ گوگڙا اچي وڃن ٿا. انهي وقت ۾ ٻنهي قسمن جي جيتن جو حملو ٿيندو آهي.

ٻنهي قسمن جي جيتن جي حملي جي شدت هيٺين ڳالهين تي عمل ڪري گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي. فصل کي نائٽروجن ڀاڻ جو استعمال مناسب مقدار ۾ ڪجي، وڌيڪ استعمال سان ساوڪ گهڻي ٿيندي جنهن ڪري جيتن جي حملي جو انديشو به وڌي وڃي ٿو.

فصل کي پاڻي جو استعمال مناسب مقدار ۾ ڪجي. فصلن پوکڻ ۾ ڦيرقار ضرور ڪرڻ گهرجي. ووڙتنن جي فصل جي اندر يا پر ۾ پيندي يا واڱڻ جي پوکي نه ڪرڻ گهرجي. ضرورت پوڻ تي هيٺين دوائن جو ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

**نوٽ:** اها ڳالهه ضرور نوٽ ڪريو ته جيتن جو حملو معاشي نقصان جي حد تي پهچي ته پوءِ دوا جو استعمال ڪجي.

| نمبر | جيت | معاشي نقصان جي حد | دوا جو نالو ۽ مقدار |
|---|---|---|---|
| 01 | سائو مهلو | 1 ڪان 2 ٻچا في پن | ڪونفيڊور 150 CC کان 200 CC في ايڪڙ يا اميڊا ڪلوپرڊ 250 گرام في ايڪڙ يا آئيسوفيٽ 250 گرام في ايڪڙ |
| 02 | ٿرڙو | 8 ڪان 10 ٻچا في پن | ڪونفيڊور 200 CC في ايڪڙ يا ڪلوروفيناپائر 125 CC في ايڪڙ |
| 03 | اڇي مک | 8 ڪان 10 ٻچا في پن | موويٽو 125 CC في ايڪڙ يا ايسيٽامپيرڊ 250 CC في ايڪڙ |
| 04 | چٽڪبرو ڪينئون | جون ڪانپوءِ 10 سيڪڙو گل يا گوگڙن جو نقصان | ٽريسر 60 CC في ايڪڙ يا اسٽيورڊ 125 CC في ايڪڙ يا ريڊيئنٽ CC 80 في ايڪڙ |
| 05 | امريڪن ڪينئون | 2 ڪنئيا في 10 ٻوٽا | ٽريسر 80 CC في ايڪڙ يا اسٽيورڊ 125 CC في ايڪڙ يا ريڊيئنٽ CC 100 في ايڪڙ |
| 06 | گلابي ڪينئون | جون ڪانپوءِ 5 سيڪڙو گل يا گوگڙن جو نقصان | ٽريسر 80 CC في ايڪڙ يا اسٽيورڊ 125 CC في ايڪڙ يا ريڊيئنٽ CC 100 في ايڪڙ |
| 07 | لشڪري ڪينئون | ڏسڻ مهل | ٽريسر 80 CC في ايڪڙ يا اسٽيورڊ 125 CC في ايڪڙ يا ريڊيئنٽ CC 100 في ايڪڙ |

# ملچنگ (Mulching)

زمين جي سطح تي نامياتي يا غير نامياتي مادي جي تهه وڇائڻ جي عمل کي ملچنگ چوندا آهن. ان جو مقصد زمين ۾ گهم کي محفوظ ڪرڻ، ذخيري وڌائڻ ۽ ڪاڏ جي عمل کي روڪڻ آهي. ملچ کي خالي زمين يا ٻوٽي جي چئوڌاري وڇايو ويندو آهي. هي باغباني لاءِ به استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ نهايت ئي فائيدمند آهي. ان جا هيٺيان فائدا آهن.

- ملچ جي تهه جي ڪري پاڻي ٻاڦ بنجي اڏامي ڪونه ٿو.
- خوردبيني (عام طور نه ڏسجندڙ) جيت وقت گذرڻ سان ان کي پنهنجي عمل زرعي زمين جو حصو ناهي ڇڏيندا آهن جيڪو زمين جي زرخيزي جو سبب بنجي ٿو.
- هي جڙي ٻوٽين جي ڦوهڙي کي روڪي ٿو جنهن سان نقصان ڪيڙن جي افزائش گهٽ ٿئي ٿي ۽ بيماريون گهٽ لڳن ٿيون.
- زمين جي زرخيزي محفوظ رهي ٿي جيڪا ٻوٽن جي ڪم اچي ٿي.
- ٻوٽن جي رهت ۽ ٻي مٽيريل سان ڍڪيل زمين ڏسڻ ۾ پيلي لڳندي آهي.
- زمين جي نامياتي مادن جي واڌاري جو ڪارڻ بنجي ٿو.

**نامياتي مادا:** هي ٻوٽن جي رهت، گاهه ڪک، ٻورچي خاني جي باقيات، ڪاٺين جي چوڏن وغيره تي مشتمل هوندو آهي.

**غير نامياتي مادا (مستقل):** هي پلاسٽڪ جي شيٽ، ربڙ جي ڪُتر وغيره مان ٺهي ٿو.

**زميني ڍڪُ:** فصلن سان گڏ ڀاڻ مرادو ڦٽڻ وارا ٻوٽا به ملچ جو ڪم ڏين ٿا. هي تيز وڌندڙ هوندا آهن ۽ جڙي ٻوٽين کي ڦٽڻ کان روڪين ٿا. انهن ۾ گهڻا ڳنڍدار پاڙن وارا هوندا آهن. جيڪي زمين ۾ نائٽروجن فڪس ڪندا آهن.

ملچ کي سال جي مختلف وقتن ۾ ڪيترن ئي مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. فصلن جي پوکي جي ابتدائي دؤر ۾ هي زمين جي گرمي پد وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي ڇو ته رات جو زمين جو گرمي پد ڪري وڃي ٿو ان سان ٻج جلدي ڦٽي ٿو ۽ فصل جي واڌ بهتر ٿئي ٿي. ملچ زميني درجہ حرارت کي قائم رکي ٿو ۽ جڙي ٻوٽين جي ڦوهڙي کي گهٽ ڪري ٿو. ملچ جڏهن سردي ۽ سرءُ جي موسم ۾ استعمال ڪبي آهي ته ان جو مقصد دائمي ٻوٽن جي واڌ جي موسم بهار ۾ واڌ آڻڻ آهي. ملچ زمين ۽ فضا جي وچ ۾ هڪ ديوار جو ڪم ڪري ٿو. جنهن سان زمين تائين روشني نٿي پهچي سگهي ۽ بخارات جو عمل نه ٿيندو آهي. ملچ مان وڌيڪ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ بهار واري موسم جي آخر ۾ يا گرمي واري موسم جي شروع ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن زميني درجہ حرارت ڪافي گهٽ هوندو آهي. غير نامياتي مستقل ملچ جي به پنهنجي اهميت آهي. پلاسٽڪ ملچ عام طور تي وڏي پئماني تي پوکيل فصلن جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. ان کي بنيءَ ۾ ناهيل پٽڙين تي وڇايو ويندو آهي. جنهن جي سوراخن ۾ ٻوٽا لڳايا ويندا آهن. جن جي آبپاري ڊرپ ذريعي ڪئي ويندي آهي.

**ملچ لاءِ مٽيريل:** ملچ لاءِ مختلف مٽيريل استعمال ڪيو ويندو آهي.

# انب جي پيداوار ۾ واڌارو ڪندڙ مؤثر ۽ سستو طريقو

تحرير: ڊاڪٽر عائشه شيري، نيو ڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر ٽنڊوڄام
سنڌيڪار: فهيم قريشي

انب جا باغ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪثرت سان ملن ٿا ۽ سڄي دنيا ۾ انب جو ميوو تمام گهڻو وڻندڙ ٿئي ٿو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو. ننڍي کنڊ (پاڪ هند) ۾ تقريباً چئن هزار سالن کان انب جي پوک ڪئي پئي وڃي. مغل بادشاهه اڪبر ته انب جا وڏا وڏا باغ لڳرائڻ جو آغاز ڪيو هو ۽ دربهنگه (بهار) ۾ هڪ لک وڻن تي مشتمل انب جو هڪ تمام وڏو باغ لک باغ جي نالي سان لڳرايو هو. جيئن جيئن انساني تهذيب اسرڻ لڳي ته تيئن انب جا مختلف قسم هڪ وڻ جي ٽاري ٻئي وڻ جي ٽاري سان ڳنڍڻ سان وجود ۾ ايندا ويا. اهڙي طرح انب جا هڪ هزار کان وڌيڪ قلمي قسم حاصل ٿيڻ ۾ ڪاميابي ملي. پاڪستان جي صوبي پنجاب ۽ سنڌ ۾ آب و هوا انب جي پوک لاءِ تمام گهڻي مناسب آهي. پاڪستان ۾ جيڪي قسم پوکيا وڃن ٿا سي سڄي دنيا ۾ تمام گهڻا مقبول آهن. انهن ۾ چونسو سنڌڙي، لنگڙو دسهري، انور رٽول، سرول، سنهرو مالده، فجري، طوطاپري، گلاب خاص، نيلم، بيگڻ پالي ۽ سمر بهشت قابل ذڪر آهن.

## انب جا فائدا:

انب جو ميوو ذائقي، خوشبو ۽ غذائيت جي اعتبار کان ميوون جو بادشاهه آهي. هن ۾ وٽامن اي، بي، حياتين، کنڊ، ريشو ۽ فولاد جي گهڻائي آهي انب چاهي ڪچو يا پڪو هجي پنهي حالتن ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ڪچي انب مان آچار، چٽڻي، مربو وغيره ناهيو وڃي ٿو پڪل انب کي ميووي طور گهڻي شوق سان کاڌو وڃي ٿو. ان کان علاوه جيلي، آئس ڪريم، ڪسٽرڊ ۽ اسڪويش وغيره به تيار ڪيو وڃي ٿو. هن لحاظ کان هي ميوو هارين جي آمدني لاءِ هڪ اهم ذريعو آهي.

## پاڪستان ۾ انبن جي پيداوار:

| | رقبو (هيڪٽرن ۾) | پيداور (ٽنن ۾) | پيداوار ٽن (في ايڪڙ) |
|---|---|---|---|
| پاڪستان | 170.8 | 1716.9 | 10.1 |
| پنجاب | 107.1 | 1313.6 | 12.3 |
| سنڌ | 62.7 | 399.2 | 6.4 |
| خيبرپختونخواهه | 0.4 | 3.0 | 7.5 |
| بلوچستان | 0.6 | 1.1 | 1.8 |

انبن جي ميووي جي اهميت کي نظر ۾ رکندي هن ڳالهه تي پورو ڌيان ڏيڻ گهرجي ته اسان پنهنجي وطن ۾ انبن جي پيداوار وڌائڻ ۾ ڪهڙو قدم کڻي سگهون ٿا جنهن سان پيداوار وڌي ۽ آباڪار پائرن کي وڌ کان وڌ مالي فائدو ٿئي ٿو.

ان سلسلي ۾ هي ڳالهه به ڌيان ۾ رکجي ته جيتري قدر انبن جي پوکي ۾ اضافو ٿيو آهي اوترو پيداوار ۾ اضافو نه ٿيو آهي. هي ڳالهه اسان لاءِ غور طلب آهي ته انبن جي پيداوار ۾ گهٽتائي جا سبب ڳولهجن ۽ پوکيل ايراضي مان وڌ کان وڌ پيداوار وٺجي.

## پيداوار ۾ گهٽتائي جا ڪارڻ:

پيداوار ۾ گهٽتائي جا ڪيترائي ڪارڻ آهن جن ۾ زير زمين پاڻي جي متاثري جو بلند ٿيڻ، سم ڪلر ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو وڻن ۽ ميوون جون بيماريون ۽ جيت وغيره انهي کان علاوه ميووي جو وقت کان اڳ ڇڻڻ تمام اهم ڌيان ڏيڻ وارو مسئلو آهي عام طور تي پوکيل انبن جي قسمن ۾ تمام گل ڦهرين مڪڙي اسرڻ کان پوءِ 10 کان 20 ڏينهن جي دوران گل ڦهيو پون پر ڪن قسمن جي گلن کي ٽڙڻ ۾ ڪئين هفته يا مهينا به لڳي ويندا آهن. انبن جي وڻن تي تمام گهڻو ٻور ايندو آهي انهن ۾ وڌيڪ گل هڪ جنسي هوندا آهن جڏهن ته ميوو ٻه جنسي گلن مان ٺهندو آهي. جيڪي مڙني گلن جو 1.3 کان 35.6 سيڪڙو ٿئي ٿو.

جيترا ٻه ٻه جنسي گل موجود ٿين ٿا اهي سيئي ميويدار گل نه ٿا ٿين پر انهن جو ٻه رڳو 13 کان 28 سيڪڙو حصو ميووي ۾ منتقل ٿئي ٿو ۽ بدقسمتي اها آهي ته اهي ميووا به پنهنجي عمر جي مضبوطي تائين نه ٿا پهچي سگهن ۽ مختصر مسئلن جو شڪار ٿي ڇڻي وڃن ٿا صرف 0.1 کان 0.3 سيڪڙو باقي گل ميووي ۾ تبديل ٿين ٿا. انبن جي ميووي ۾ گل جو اهڙي ريت ڇڻي وڃڻ وڏو نقصان آهي. جيڪڏهن گلن ڇڻن جي شرح کي روڪجي ته آباڪارن کي وڏو مالي فائدو ٿيندو. هتي زرعي سائنسدانن لاءِ هڪ چيلينج به آهي. نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر ٽنڊوڄام جي شعبي پلانٽ فزيولاجي پنهنجي گهڻي قدر ڪوشش کي ڪارگر ڪرڻ ۾ ڏينهن رات ڪوشيان آهي هن اداري هڪ اهڙو ڪيميائي مرڪب فروٽوفڪس ڳولهي لڌو آهي جنهن جي مناسب وقت ۾ انبن جي وڻن تي

ڦوهارو ڪري ميووي جي وقت کان اڳ ڪرڻ واري شرح کي روڪي سگهجي ٿو ۽ گهٽ ۾ گهٽ 20 کان 30 سيڪڙو تائين وڌيڪ پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي.

**هن ڪيميائي مرڪب جي طريقي جو استعمال هيٺ ڏجي ٿو:**

1. فروٽوفڪس جو هڪ پيڪيٽ 7.5 گيلن يا تقريباً 300 لٽر پاڻي ۾ حل ڪري ڳار تيار ڪجي.
2. فروٽوفڪس جي 300 لٽر تيار ٿيل محلول ۾ 250 ملي لٽر (هڪ گلاس) ۾ ڊٽرجنٽ ملائي استعمال ڪجي ڇاڪاڻ جو هن عمل سان ميوون تي ھڪجھڙو تھ ٺھندو ۽ ڳار جو اثر پڻ ڪافي دير تائين قائم رهندو.

**استعمال جو صحيح وقت ۽ طريقو:**

1. فروٽوفڪس جو پهريون ڦوهارو تڏهن ڪرڻ گهرجي جڏهن ميووي جي ماپ مٽر جي داڻي جيتري هجي.
2. ٻيون ڦوهارو وري پهرين ڦوهاري جي 15 کان 20 ڏينهن بعد ڪرڻ گهرجي.

**احتياطي تدبيرون:**

3. ڳار جو ڦوهارو صبح جو سويري يا شام جي وقت تي ڪرڻ گهرجي، تپش ۾ اس ۾ ڦوهاري جا بهتر نتيجا نه نڪرندا.
4. ڳار تيار ڪرڻ لاءِ ڳرو پاڻي استعمال نه ڪجي جنهن ۾ لوڻيات شامل هجي پر نهر جو تازو پاڻي ڇاڻي استعمال ڪرڻ گهرجي.
5. ڦوهارو صبح جي وقت تي ڪرڻ سان سٺا نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا

**فائدا:**

جيڪڏهن ڦوهارو ٻڌايل هدايتن مطابق ڪيو وڃي ته پيداوار ۾ 20 کان 30 سيڪڙو واڌارو ڪري سگهجي ٿو.

هن ٽيڪنالاجي کي سنڌ جي مختلف انبن جي باغن ۾ تقريباً 2400 ايڪڙ کان وڌيڪ ايراضي تي استعمال ڪيو ويو ۽ باغن جي مالڪن کي 15 کان 30 سيڪڙو اضافي پيداوار حاصل ٿي.

قابل ذڪر ڳالهه هي آهي ته فروٽوفڪس جي استعمال سان ماحول ۾ گدلاڻ به نه ٿي ٿئي ۽ هي محلول انساني صحت لاءِ مضر به نه آهي. هن محلول کي ڪنهن به ڪيئين مار زرعي زهر سان ملائي ڦوهارو ڪري سگهجي ٿو.

فروٽوفڪس تمام سستي اگهه تي شعبه ٻوٽن جي فزيولاجي نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر ٽنڊوڄام مان با آساني حاصل ڪري سگهجي ٿو.

Lotus Cultivation

# پبڻ جي پوک

پبڻ جو فصل اڄڪلهه صرف سنڌ جي ٻن مختلف ضلعن دادو ۽ لاڙڪاڻي ۾ عام طرح سان ٿئي ٿو. ٻھ دراصل پبڻ فصل جي پاڙ آهي. جيڪا نشاستي سان ڀريل هوندي آهي. هن جون پاڙون کاڌي طور ڪم اچن ٿيون. جيڪا عموماً گوشت، مڇي ۽ سبزي طور هن کي بچايو ويندو آهي. هن فصل لاءِ گرم آبهوا موزون رهي ٿي ان لاءِ هن کي خريف واري مند ۾ پوکيو وڃي ٿو.

**زمين جي چونڊ:** هن فصل لاءِ چيڪي مٽي واري زمين جي چونڊ ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ هن فصل لاءِ مٽي پاڻي جو هجڻ ضروري هوندو آهي. زمين کي ڊسڪ هر يا راجا هر سان ٻن کان ٽي هر ڏيئي پتر پچي گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه ڏاند گاڏيون گريل سڙيل وٿاڻ جي ڀاڻ جون هڪ ايڪڙ ۾ ڏجن. هيءَ سلسلو پوکي کان پهريائين هڪ مهينو اڳ ۾ شروع ڪجي ته جيئن وقت تي زمين تيار ٿئي. ڀاڻ کي زمين ۾ چڱي نموني ملائڻ بعد ان ۾ پاڻي ڏيڻ گهرجي ته جيئن زمين اندر گرمائش جيڪا ڀاڻ سبب ٿيندي اها ختم ٿئي. ان بعد زمين کي ڪلٽيويٽر هر ڏيئي زمين کي هموار ڪجي.

**ٻج جو مقدار:** جيئن ته هن جو ٻج مهانگو آهي ان لاءِ هڪ ايڪڙ جي پوکي لاءِ 10 کان 12 ڪلوگرام استعمال ڪجي. پر اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته ٻج جي ٻاهرين کل تمام سخت هوندي آهي ان لاءِ پوکيءَ کان پهريائين ڪنهن سخت شيءِ سان ٻج کي ڀڃڻ گهرجي بي صورت ۾ ٻج جو ڦوٽهڙو نه ٿيندو.

**پوکڻ جو طريقو:** پهريائين تيار ٿيل زمين ۾ آبپاشي يا ريج جو پاڻي ڏيڻ گهرجي، جنهن بعد ٻج کي قطارن ۾ پوکڻ گهرجي. قطارن جو قطار کان فاصلو 60 سينٽي ميٽر رکجي ۽ ٻج جو ٻج کان فاصلو 45 سينٽي ميٽر رکڻ گهرجي جنهن ۾ ٻج کي آڱوٺي جي مدد سان زمين اندر 2 کان 3 سينٽي ميٽر جي اونهائي تي پوکجي. ٻج جو ڦوٽهڙو ڏهن کان پندرهن ڏينهن اندر ٿي ويندو. جنهن جو پهريون پن پاڻيءَ جي سطح تي ظاهر ٿي پوندو.

**پوکيءَ جو وقت:** هن فصل جي پوکيءَ جي شروعات پهرين اپريل کان وٺي 15 جون تائين مڪمل ڪرڻ گهرجي.

**فصل جي سارسنڀال:** اوهان بخوبي ڄاڻو ٿا ته هي فصل بيٺل پاڻيءَ تي پوکيو ويندو آهي ان لاءِ جيڪڏهن بيٺل پاڻيءَ مٿان سائو ڇاپرو نهي پوي ته ان صورت ۾ ان کي بعد ۾ هٽائڻ گهرجي. نه ته فصل جي ڦُٽل پوٽن کي ٻاهر نڪرڻ ۾ تڪليف ٿيندي ان کان علاوه جيڪڏهن گندگاهه نظر اچي ته ان کي ڇڪي پاڙون ڪيدي ڇڏڻ گهرجن. زمين کي ڪڏهن به سڪڻ نه ڏجي. پاڻيءَ جي سطح گهٽ ٿئي ته ان صورت ۾ تازو پاڻي ڏئي گهربل فصل لاءِ پاڻيءَ جي سطح برقرار رکجي.

**جنسون:** پبڻ يا ٻِھ جون مقامي جنسون جنهن ۾ هڪ جنس جنهن جا پن ويڪرا ۽ گل به وڏي ماپ جا ٿين ٿا ۽ ٻي جنس جنهن جا پن سوڙها ٿين ٿا پوکيءَ لاءِ ملن ٿيون. انهن جنسن مان ويڪرن پنن واري جنس لڳائڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هيءَ جنس گهڻي پيداوار ڏيڻ لاءِ ضامن آهي.

**پيداوار:** سراسري طور تي هڪ ايڪڙ ۾ چار هزار ڪلوگرام ٻھ جي پيداوار حاصل ٿئي ٿي ۽ هڪ ايڪڙ تي اندازاً 1500 کان 2000 پبڻ جون ٽڪيون به حاصل ٿين ٿيون پر جيڪڏهن پبڻ ٽڪيون پچڻ لاءِ ڇڏي ڏجن ته ان ڏس ۾ اندازاً 15 ڪلوگرام هڪ ايڪڙ تي ٻج حاصل ٿئي ٿو.

# انبن جي پٽائي ۽ سارسنڀال

شفيق احمد نظاماڻي ايگريڪلچر آفيسر ۽ وحيد علي خاصخيلي ايگريڪلچر آفيسر ٽنڊوڄام

انب پنهنجي بهترين ذائقي، لذت ۽ ٻين ڪيترن ئي خوبين جي ڪري دنيا ۾ ميون جو بادشاهه مڃيو وڃي ٿو. پاڪستان ۾ انبن جي پوکي هيٺ ايراضي 167000 هيڪٽرن تي ٿيل آهي جڏهن ته سنڌ ۾ وري انبن جي پوکي هيٺ ايراضي 59500 هيڪٽرن تي مشتمل آهي. ان کان علاوه سڄي دنيا ۾ انبن جون 500 کان وڌيڪ جنسون ٿين ٿيون. جيڪي سڄي دنيا ۾ سيني جنسن کان وڌيڪ مشهور، ذائقيدار ۽ لذيذ آهن انهن ۾ سنڌڙي، چوسو، لنگڙو، دوسيري، انور رٽول، سفيدو، بيگن پالي ۽ ٻيون ڪجهه اهم جنسون سرفهرست آهن. جيڪي سڄي دنيا ۾ پنهنجي منفرد سڃاڻپ رکن ٿيون. سنڌ ۾ انبن جو هي فصل خاص طور تي ٽنڊوالهيار، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ضلعن ۾ تمام وڏي پئماني تي پوکيل آهي. هتان جا اڪثر ننڍا توڙي وڏا انبن جا زميندار انبن جي پٽائي ۽ مارڪيٽنگ جو تجربو نه هئڻ ڪري پنهنجي باغن کي ٻن ٽن سالن جي ٺيڪي تي ڏئي ڇڏيندا آهن ته جيئن انبن جي فصل تيار ٿيڻ کانپوءِ سارسنڀال واري خفي کان آجو رهي سگهجي. اڪثر واپاري هر گذرندڙ سال جيان وڌ کان وڌ ان ڪوشش ۾ هوندا آهن ته ڪيئن سنڌ جي انبن جي فصل کي عالمي منڊي تائين برآمد ڪري چڱو ناڻو ڪمائجي.

جيئن ته پاڪستان دنيا ۾ ڇهون وڏو انب پيدا ڪندڙ ملڪ ۽ ٽيون وڏو انب ايڪسپورٽ ڪندڙ ملڪ آهي، هتان جا خاص طور تي صوبي سنڌ جا انب پنهنجي هڪ خاص ذائقي، رنگ، شڪل ۽ لذت رکڻ جي ڪري سڄي دنيا ۾ ڇڪ ۽ ڪشش رکن ٿا ۽ لڳ ڀڳ دنيا جي 48 ملڪن ڏانهن ايڪسپورٽ ٿئي ٿو.

موسمياتي تبديلين جي ڪري ڌرتيءَ جي گولي تي هر سال گرمي پد ۾ واڌارو اچي رهيو آهي. ان سان هڪ طرف زمين توڙي ماحول مان آلاڻ گهٽجڻ ۽ خشڪي اچڻ ڪري انبن کي ضرورت آهر پاڻي جو ملڻ به مشڪل ٿيندو وڃي ته ٻئي پاسي وري گهٽ خوراڪ ملڻ ڪري انبن جي وڻن تي مختلف قسمن جون بيمارين پڻ حملو ڪن ٿيون جهڙوڪ: اڇو سينور، ٻور جو سڙي ڪارو ٿيڻ، انبن جو چوٽي کان سڪڻ، ڪرپون، ڪوڙهه ۽ انبن ۾ ڪنئور نڪرڻ وغيره جو ظاهر ٿيڻ آهي. انبن جي پيداوار ۾ گهٽتائي جو سبب جتي بيماريون آهن اتي انبن تي حملو ڪندڙ جيت به برابر جا شريڪ آهن. جهڙوڪ: ٽنڊڙي، ميووي واري مک، ٽرڙو انبن جو مهلو يا تيلو انب جو چوٽي وارو ڪينئون ۽ انب جي ميلي بگ وغيره آهن. هي مختلف بيماريون ۽ جيت آهن جيڪي انب جي پيداوار تي گهاٽا منفي اثر ڇڏين ٿا جن جو وقت سر ضابطو آڻڻ نهايت ئي ضروري آهي.

ڏنو وڃي ته هر سال دنيا ۾ انب جي کوٽ ۽ خريداري ۾ تيزي اچي رهي آهي آبادگار ۽ زميندار به ان ڳالهه جي پروڙ رکندي هاڻي باغباني ڏانهن لاڙو ڪري رهيا آهن ۽ نوان انبن جا باغ وڏي پئماني تي تيار ڪري رهيا آهن. انبن جي باغ مان بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ انبن جي پٽائي مڪمل ٿيڻ کان وٺندي ٻيهر پٽائي شروع ٿيڻ تائين تقريبن سڄو سال زميندار يا مقاطي دار کي فصل جي واڌ ويجهه، بهتر ڦوٽهڙي، سٺي ٻور اچڻ ۽ بيمارين ۽ جيتن جي حملي کان محفوظ رکڻ خاطر هر وقت چوڪس رهڻو پوي ٿو.

هڪ ته انب نازڪ هئڻ ڪري پٽائي کان وٺندي پيڪنگ، ٽرانسپورٽيشن ۽ مارڪيٽنگ تائين پوسٽ هارويسٽ لاسز جا گهڻائي امڪان هجن ٿا، ڇاڪاڻ ته ڪڏهن ڪڏهن گرمي پد معمول کان وڌيڪ هجڻ ڪري واپارين پاران انب جي ڪوکن ۾ انب پچائڻ لاءِ وڌل ڪيميڪل انبن کي مڪمل طور تي ساڙي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ زميندار يا واپاري کي ڪافي نقصان ٿئي ٿو.

آبادگار جيتري محنت پيداوار وڌائڻ تي ڪن ٿا انهي کان وڌيڪ محنت جي ضرورت پٽائي کان ميووي کي مارڪيٽ پهچائڻ جي لاءِ ڪرڻ گهرجي. ميووي جي پٽ مان مراد آهي ميووي کي صحيح حالت ۾ صحيح وقت تي پٽڻ گهرجي انهيءَ لاءِ ڪجهه تجويزون هيٺ ڏجن ٿيون.

- ميووي کي 5 سينٽي ميٽر ڏانڊي سميت پٽ ڪرڻ گهرجي.
- ميووي کي ڪِرڻ، ڌڪ لڳڻ يا زخمي ٿيڻ کان بچائجي. ڇاڪاڻ ته ڪريل يا زخمي ٿيل انب مارڪيٽ تائين پهچڻ تائين خراب ٿيو وڃي.
- ميووي جي پٽائي صبح جو ٿڌ جي وقت ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته گرمي ميووي کي متاثر ڪري سگهي ٿي.
- ڏانڊي ڪانسواءِ پٽ ڪرڻ سان ڪنئر ميووي مان خارج ٿئي ٿي جنهن سان ميووي جي خاصيت خراب ٿئي ٿي.
- ڪنئر جي اثر کان ميووي کي بچائڻ لاءِ چُن واري پاڻي ۾ ميووي کي ڌوئڻ گهرجي.
- نقصانڪار جيتن ۽ سينور کان بچائجي. ميوون جي درجه بندي ڪجي.
- ميوون کي ڪوکن ۾ وجهڻ وقت هڪ ئي جنس ۽ جسامت وارا گڏ پيڪ ڪجن.
- ميووي کي دٻن ۾ بند ڪري ليبل لڳائڻ کانپوءِ خشڪ ٿڌي جڳهه تي رکڻ گهرجي.
- دٻن ۾ رکڻ کان پوءِ فارم جو نالو جنس، وزن، بند ڪرڻ جي تاريخ ۽ کولڻ جي تاريخ ضرور لکڻ گهرجي.
- دٻن يا ڪوکن ۾ احتياط سان انب هڪ ئي رخ ۾ رکڻ گهرجن. ضرورت کان وڌيڪ انب نه ڀرڻ گهرجن.
- پيڪنگ وقت احتياط کان ڪم ونجي جيئن انب زخمي نه ٿئي.



# چيڪو (Acbras Sapota)

تحرير: غلام سرور ڪيريو، پرنسپل سائنٽيسٽ/ ڊائريڪٽر ۽ محمد اسحاق بلوچ سينيئر سائنٽيسٽ هارٽيڪلچر ريسرچ سينٽر ميرپورخاص

چيڪو هڪ گرم علائقن جو سدا بهار وڻ آهي. جنهن جو اصل وطن ميڪسيڪو وچ آمريڪا آهي ۽ هندراس گوئٽمالا ۾ به شروع کان ئي پوکيو وڃي ٿو. هي وڻ خاص ڪري ميوو حاصل ڪرڻ لاءِ ئي پوکيو وڃي ٿو شروع ۾ هي وڻ ويسٽ انڊين ۾ متعارف ٿيو جتان پوءِ فلپائن ۾ متعارف ٿيو ۽ ننڍي کنڊ ڏي وڌيو. سورهين صديءَ ۾ هي هڪ مشهور ۽ خاص ميووي طور سڃاتو ويندو هو. هن جي ميووي ۾ ڪئي خوراڪي جزا وڏي انگ ۾ موجود آهن جنهن ۾ پاڻيات 73.7 سيڪڙو، ڪاربو هائيڊريٽ 21.4، پروٽين 0.7، ڪئلشيم 28 گرام، چربي 1.1، فاسفورس 27.0 گرام، لوهه 2 ملي گرام ۽ اسڪاربڪ ائسڊ 6 ملي گرام موجود آهي.

**آبهوا ۽ زمين:** چيڪو هڪ گرم آبهوا ۾ ٿيندڙ وڻ آهي ۽ سطح سمنڊ کان 1200 ميٽرن جي اوچائيءَ تائين به پوکي سگهجي ٿو. سمنڊ جي ويجهڙائيءَ وارن علائقن ۾ جتي گرمي پد 11 سينٽي گريڊ کان 35 سينٽي گريڊ تائين ۽ ساليانو برسا 125 کان 250 ملي ميٽر هجي تمام سٺي واڌ ويجهه ڪري ٿو. اهو هڪ سخت جان وارو وڻ آهي، چيڪو هر قسم جي وچولي زمينن ۾ ڪاميابيءَ سان ٿئي ٿو. وچولي واريا سي پاڻيءَ جي سٺي نيڪال واري زمين هن جي واڌويجهه لاءِ بهترين آهي. گهٽي پاڻي، ڏڪار ۽ ڪنهن حد تائين ڪلر کي به برداشت ڪري وڃي ٿو.

**نسلي واڌ ويجهه:** هن جي نسلي واڌويجهه کيرول جو ٻج پوکي روٽ اسٽاڪ تيار ڪري انهيءَ کي چيڪو جو قلم وينير گرافٽنگ واري طريقي سان لڳايو ويندو آهي ۽ انهيءَ کان علاوه مهووا، اسٽار ايپل، جي فروٽ، آدم ايپل به استعمال ڪري سگهجي ٿو. چيڪو جو ٻج پوکي انهيءَ تي به قلم ڪري سگهجي ٿو پر سڀ کان بهتر ۽ اصليت لاءِ کيرول تي بهتر آهي. هن جي پوک لاءِ 7 کان 8 ميٽرن جي مفاصلي تي هڪ ميٽر ڊگها هڪ ميٽر ويڪرا ۽ هڪ ميٽر اونها کڏا کوٽجن. کڏن کي ڪجهه ڏينهن لاءِ کليو ڇڏجي ۽ کڏن مان نڪتل مٽي 2 حصا، لٽ هڪ حصو ۽ سڙيل ڳريل وٿاڻ جو ڀاڻ ملائي کڏا ڀري پاڻي ڏجي ۽ وٽ اچڻ تي صحتمند بوٽا وٺي چڪيءَ برابر ساڳئي کڏي ۾ کڏا کوٽي چڪيون لڳائجن ۽ ننڍي وقفي سان پاڻي ڏجي ۽ مناسب سارسنڀال ڪجي. هڪ سال کان وٺي ٽن سالن جي عمر وارن ٻوٽن لاءِ 55 ڪلوگرام وٿاڻ جي ڀاڻ سان گڏ 50-20-75 گرام N.P.K هر سال ۽ ٽن سالن کانپوءِ ڇهن سالن وارن وڻن کي اهو وزن ڊبل ڪجي ۽ 10 سالن جي جوان وڻ لاءِ 1.0 ڪلوگرام نائٽروجن 0.45 kg فاسفورس ۽ 0.58 kg پوٽاش سٺي واڌويجهه ۽ پيداوار لاءِ مناسب ۽ ڪافي آهي. هن جو جوان وڻ ساليانو 1500 کان 3000 ميووا ڏئي ٿ و. هن جي ميووي جي پٽائي وڻ تان هٿن سان ڪجي ٿي ۽ تيار ٿيل ڪچو ميوو پٽيو وڃي ٿو ۽ آسانيءَ سان پري جي منڊين تائين موڪلي سگهجي ٿو ۽ 4 کان 5 ڏينهن ۾ پچي کائڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي.

هن جي تيار ميووي جي پٽائي اپريل مهيني ۾ شروع ٿيندي جنهن لاءِ اڳ ۾ تياري ۽ گهربل سامان گڏ ڪري تيار رکجي.

سڀ کان پهريائين پٽائيءَ وارن مزدورن جو بندوبست ڪجي ۽ باغ ۾ چوڪيدار رکجي. ميووي جي مک جي ڪنٽرول لاءِ بندوبست ڪجي، پٽائي جي لاءِ گهربل سامان ۽ پيڪنگ جي سامان جو بندوبست ۽ ٽرانسپورٽ جتي مال موڪلڻو آهي ان جي معلومات ۽ خبر چار وڃجي. مال پٽي گڏ ڪرڻ ۽ پيڪنگ واري جاءِ جو صاف سٿرو ۽ ڇانئين هيٺ لازمي آهي. لائيٽ جو بندوبست ڪجي ته جيئن ڪنهن به ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا رڪاوٽ ۽ ڏکيائي نه ٿئي ۽ هر ڪم خوش اصلوبي ۽ وقت سر ٿئي.

جنسون:

ڪالي پٽي (Kali Patti) اها هڪ مشهور جنس آهي. هن جنس جو وڻ پکڙيل پن ۽ رنگ جو گهرو سائو ٿئي ٿو ميوو بيضوي شڪل جو وڏو خوشبودار گودي جو رنگ ماکيءَ جهڙو منو ۽ ٺنڊڙ خوشبو وارو ٿئي ٿو. هن ۾ ٻج گهٽ رس وڌيڪ منو ٿئي ٿو ۽ وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿو.

آيانگر (Ayyangar) هن جنس جو ميوو گول گلاب جي خوشبوءِ وارو وڏي سائيز گودو به ذائقيدار ٺنڊڙ ۽ کل سنهي ٿئي ٿي ۽ پيداوار گهٽ ڏئي ٿو.

انهن کان علاوه ٻيون جنسون جهڙوڪ: Pala, Bhuri Patti, Dhola Diwani ۽ سهارنپوري به آهن پر مٿي ذڪر ڪيل ٻئي جنسون خاصيتن ۽ پيداوار ۾ وڌيڪ بهتر آهن.

# سنڌ ۾ ڪيلي جي پوک

محمد علي خاصخيلي ڊپٽي ڊائريڪٽر پيسٽ اسڪاؤٽنگ شهيد بينظير آباد

ڪيلو گرم گهميل علائقي ۾ پوکيو ويندو آهي. ڪيلي جي سٺي پيداوار لاءِ گرمي جو درجو گهٽ ۾ گهٽ 16 سينٽي گريڊ ۽ وڌ ۾ وڌ 38 سينٽي گريڊ هجڻ گهرجي.

**هوا جي رفتار:** تيز هوائون جن جي رفتار 4 ميٽر في سيڪنڊ جي رفتار کان وڌيڪ هجي ته هن فصل کي تمام گهڻو نقصان ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته ڪيلي جون ڪمزور ۽ سنهيون پاڙون ٿين ٿيون جنهن ڪري ڪيلي جو ٻوٽو ڪِري پوي ٿو. جنهن جي لاءِ اتر ۽ ڏکڻ طرف کان هوا جهل خاطر ڪيلي جي وليم هائبرڊ جنس يا مانجهاندڙي وغيره لڳائڻ گهرجي.

**زمين:** هن فصل لاءِ نهايت ئي ذرخيز جنهن ۾ پاڻي جذب ڪرڻ جي صلاحيت ۽ نامياتي مادو وڌيڪ هجي.

اهي زمينون جن جي کاربڊ (pH) 6 کان 7 هجي ۽ سم ۽ ڪلر کان پاڪ هجي.

**ڀاڻ:** هن فصل کي N.P.K ڀاڻ جو ڪافي مقدار گهربل آهي. في ايڪڙ جي حساب سان 5 بوريون يوريا 3 بوريون ڊي اي پي 4 کان 5 بوريون سلفيٽ ۽ اڌ بوري پوٽاش جون ڏيڻ گهرجن. نامياتي ڀاڻ جو استعمال پڻ هن فصل لاءِ تمام ضروري آهي.

**پاڻيءَ جي استعمال لاءِ:** پاڻيءَ جو استعمال موسم جي لحاظ سان وقفو گهٽائي ۽ وڌائي سگهجي ٿو. جهڙوڪ گرميءَ جي موسم ۾ هر ٽئين ڏينهن پاڻي ڏيڻ گهرجي ۽ سياري جي موسم ۾ هر 15 ڏينهن کانپوءِ پاڻي ڏيڻ گهرجي، موسمي حالت ۽ مينهن پوڻ جي صورت ۾ هلڪو پاڻي ڏيڻ گهرجي.

**جيت ۽ بيماريون:** ڪيلي جي فصل ۾ پن تي ڪارن داغن واري بيماري ايندي آهي ۽ ٻي بيماري جيڪا بيڪٽريا جي وسيلي ڦهلجي ٿي جنهن جو موسيٰ ڪيونڊش جنس تي تمام گهڻو حملو ٿئي ٿو جيئن ته سنڌ ۾ هن جنسن جي پوکي 80 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي. هنن ٻنهي بيمارين جي حملي ڪري 50 سيڪڙو تائين پيداوار ۾ گهٽتائي جو امڪان ٿئي ٿو. هن بيماري تي ضابطو آڻڻ تمام ضروري آهي.

چٽڪي واري بيماري جنهن جي ڪري پيداوار حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين نقصان پهچي ٿو.

نيماٽوڊ ڪيلي جي پاڙ واري بيماري آهي جنهن کي پاڙ جي پرسان جانچڻ گهرجي ۽ حملي جي صورت ۾ هينيان زهر استعمال ڪري سگهجن ٿا. فيوسن گرينيولرز 8 ڪلوگرام في ايڪڙ يا فيرول 480 ملي لٽر في ايڪڙ استعمال ڪجي، شديد حملي جي صورت ۾ ٻوٽي جون پاڙون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون جنهن سبب ٻوٽا ڪِري پون ٿا.

**ڪٽائي:** ڪيلي جي ڪٽائي جڏهن ميوو مڪمل تيار ٿي وڃي ته ان وقت ڪرڻ گهرجي. گهٽي مفاصلي تي ڪيلي کي موڪلڻ جي لاءِ 90 سيڪڙو تائين پچي وڃڻ جي صورت ۾ ڪٽيو وڃي. سياري جي موسم ۾ گل جهلڻ جي 105 ڏينهن کانپوءِ ڪٽيو ويندو آهي پر گرمي جي موسم جي صورت ۾ 98 کان 105 ڏينهن جي وچ ۾ ڪٽيو ويندو آهي.

**سنڌ جي ڪيلي جي آبادگارن جو عام عمل:** ڪيلي جي پيداوار جي گهٽ اپت ٿيڻ جو ڪارڻ هارين ۽ زراعت جي جديد طريقيڪار جي استعمال ۾ عدم دلچسپي آهي. 1٪ سيڪڙو کان گهٽ ڪيلي جي پوک جي سارسنڀال مالڪ ڪن ٿا ۽ بقايا پوکي جي سارسنڀال ٺيڪيدار يا واپاري ڪن ٿا.

سنڌ ۾ پوکائي لاءِ گهڻو ڪري روايتي جنسن بسري کي اهميت ڏين ٿا پر اهم عمل جهڙوڪ صحتمند ۽ بنا بيماري جي پوکي جا ٻوٽا پوکي جو مناسب وقت، طريقا، ٻوٽي جي لڳائڻ جو طريقيڪار، گهاٽائي، وٿاڻ جي ڀاڻ وجهڻ جو وقت، ڪيميائي ڀاڻ، پاڻي جو استعمال، مٽي چاڙهڻ، زمين کي ڍَڪڻ. ڪيلي جي وڍائي کانپوءِ جي سارسنڀال، هوا جَهل، ڇڳڻ جي ڪٽائي تي گهٽ ڌيان ڏيڻ. آبادگار پوٽاش ڀاڻ جو استعمال ڪيلي جي فصل ۾ نه ٿا ڪن يا گهٽ ٿا ڪن. ڇاڪاڻ ته گهٽ سجاڳي يا گهڻو مهنگو هجڻ يا دستياب نه هجڻ جي ڪري اُهي گهڻو ڪري CAN, NP, DAP ڀاڻ جو استعمال زمين جي چڪاس ڪانسواءِ ڪن ٿا. جيئن ته زمين جي چونڊ، تياري ۽ کيڙي ڪرڻ جا اوزار، ڳڏيل پوک وسيلي ۽ هٿرادو طريقن سان سنڌ جي ڪيلي جا آبادگار پوکي ڪن ٿا، جيڪڏهن جديد طريقن سان پوکي ڪئي وڃي ته ڪافي فائدو ٿي سگهي ٿو.

# ڪُنڀيون ۽ انهن جا غذائي فائدا

زوهيب الرحمان پگهيو ,ايگريڪلچر آفيسر سلطان آباد، ٽنڊو الهيار

هي پڻ، ٽارين ۽ ٻج کان محروم، ڪنڀيون(مشروم) خاص قسم جون فنگس آهن. جيڪي کاڌي طور استعمال ٿين ٿيون. اڪثر برسات جي موسم ۾ ٻيلن، ريگستانن ۽ سرسبز زمينن ۾ مٽيءَ مان هڪ اهڙو مادو نڪرندو آهي، جيڪو ڏسڻ ۾ ٻوٽي جهڙو هوندو آهي، پر اصل ۾ اهو مشروم هوندو آهي. ڪنڀيون پڻ طرح جون ٿين ٿيون. هڪ جيڪي کائي سگهجن ٿيون ۽ ٻيون زهريليون. ٻوٽن جي ماهرن ۽ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن موجب، سڄي دنيا ۾ ڪنڀين جا 38,000 قسم آهن، جن مان صرف 2,000 جنسون کائڻ لائق سمجهيون وڃن ٿيون. تنهن ڪري انهن کي کائڻ کان اڳ خاص خيال رکڻ گهرجي. انهن مان اڪثر ڪنڀيون جيڪي قدرتي طور برسات جي موسم ۾ نڪرن ٿيون،اهي انتهائي زهريليون ۽ کائڻ جي صورت ۾ موت جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. انهن کي سڃاڻڻ تمام ڏکيو ۽ خطرناڪ ڪم آهي. صرف ڪُنڀيءَ جا ماهر جنهن کي مائڪولوجسٽ سڏيو وڃي ٿو انهن ٻنهي جي وچ ۾ فرق ٻڌائي سگهي ٿو.

کاڌي جي دنيا ۾ ڪنڀيون ڀاڄين سان تعلق رکن ٿيون جيڪي مختلف سلاد ۽ کاڌي پيتي جي شين ۾ استعمال ٿين ٿيون. ڪنڀيون لذيذ هجڻ سان گڏوگڏ غذائيت سان ڀرپور ٿين ٿيون. ڪنڀين ۾ ڪنهن به قسم جو لوڻ نه هوندو آهي. ڪنڀين ۾ پروٽين، وٽامن ڊي ، وٽامن بي، ٿائامين، رائبو فلوڪسين، نيو سين، ڪيلشيم، فاسفورس، پوٽاشيم ۽ زنڪ پڻ موجود آهن، جيڪي انساني صحت لاءِ تمام گهڻو مفيد آهن. هڪ سئو گرام ڪنڀين ۾ 2.5 گرام خوردني فائبر هوندو آهي، جيڪو ڪڻڪ مان ٺهيل هڪ ماني کان وڌيڪ آهي. هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا پنهنجي غذا ۾ ڪنڀين کي شامل ڪرڻ فائديمند آهي. هي گوشت جو هڪ بهترين متبادل آهي انهن لاءِ جيڪي صرف ڀاڄيون کائين ٿا انهن لاءِ وڏي نعمت آهي.

ڪنڀين کي دوا طور پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪي ڪيترن ئي بيمارين جي علاج ۾ مددگار آهن. روزانو 100 گرام ڪنڀين جو استعمال ڪيترن ئي قسمن جي ڪينسر، خاص ڪري عورتن ۾ ڇاتي جي ڪينسر ۽ مردن ۾ پروسٽيٽ ڪينسر جي خطري کي ڪافي حد تائين گهٽائي ٿو. ان ۾ نشاستي ۽ تيل جي تمام گهٽ مقدار هوندي آهي ان ڪري دل ۽ شگر جي مريضن ۽ انهن عورتن لاءِ جيڪي وزن گهٽائڻ چاهين ٿيون انهن لاءِ اهو تمام مفيد کاڌو آهي. ڪنڀيون وٽامن D جي چند قدرتي ذريعن مان هڪ آهن، جيڪو صحتمند هڏن ۽ ڏندن لاءِ ضروري سمجهيو ويندو آهي ۽ ڪينسر کان بچائيندو آهي.

پاڪستان ۾ ڪنڀين جون 56 مختلف جنسون ملن ٿيون جيڪي برسات جي موسم ۾ قدرتي طور تي جنگلن ۽ باغات ۾ نڪرنديون آهن. ڪنڀين جا 44 قسم خيبرپختونخواهہ ۽ آزاد ڪشمير ، 4 قسم بلوچستان ، 3 سنڌ ۽ 5 قسم پنجاب ۾ ملن ٿا. گڇي هڪ خاص مشروم/ ڪنڀي آهي جيڪا اتر پاڪستان ۾ ملي ٿي. اها سڀ کان قيمتي قدرتي طور تي وڌندڙ مشروم مان هڪ آهي. ان کي خشڪ ڪري ٻين ملڪن ڏي ايڪسپورٽ ڪيو وڃي ٿو. ٻين ملڪن وانگر پاڪستان ۾ به ڪنڀيون کائڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي. ڪنڀيون کائڻ لاءِ هاڻي اسان کي برسات جي موسم جو انتظار نه ڪرڻو پوندو ڇاڪاڻ ته هاڻ پاڪستان ۾ ڪنڀين جي ڪمرشل پوکيءَ سبب اعليٰ قسم جون ڪنڀيون موجود آهن. پاڪستان ۾ ڪنڀين جي پوک هڪ صنعت بڻجي رهي آهي .ڪنڀين جي پوک گهريلو سطح تي پڻ ڪري سگهجي ٿي جيڪو منافعي بخش ڪاروبار آهي اهو ڪم پنج هزار روپين کان شروع ڪري سگهجي ٿو. پوکيءَ لاءِ زمين جي ضرورت نه آهي ۽ ننڍن گهرن ۽ جهوپڙين ۾ پارٽ ٽائيم سرگرمي طور پوکي سگهجي ٿي. ڪنڀين جي پوک کي مڪمل وقت ۽ گهڻي محنت جي ضرورت ناهي، ۽ خاندان جا سڀئي ميمبر آساني سان مختلف عملن جي نگراني ڪري سگهن ٿا. ڪنڀيون آڪٽوبر ۽ مارچ جي وچ ۾ پوکيون وينديون آهن. اونداهي آبهوا ۽ خشڪ علائقن جتي گرمي پد 16_20 سينٽي گريڊ تي آساني سان پوکي سگهجن ٿيون. گهڻو ڪري گلابي اوسٽر ڪنڀيءَ جي تجارتي پوک ڪئي ويندي آهي ۽ ان پوک جي ڪري پوکي ڪندڙ وڏي آمدني حاصل ڪري رهيا آهن .

# چوپائي مال جي ڦرن جي سارسنڀال

ڊائريڪٽوريٽ آف اينيمل هسبينڊري سنڌ حيدرآباد

فارم تي يا مالڪن وٽ جانورن مان ڦرن جو پيدا ٿيڻ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ فارم يا جانورن جي مالڪن جي مستقبل جي ملڪيت آهن ۽ انهن ئي ڦرن کي وڏو ٿي مينهون ٿيڻ کپي. ڦرن جي صحيح سارسنڀال ڪرڻ سان گهٽي کان گهڻو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو.

ان کان سواءِ فارم تي موجود پوڙهي ۽ بي فائدي جانورن جي جاءِ وٺي فارم ۾ جانورن جي تعداد ۾ اضافي ڪرڻ جو ذريعو پڻ آهن. وڏو فائدو اهو ٿيندو ته ڦرن جي پالنا عام ٿيڻ ڪري مينهون سستيون ٿينديون ۽ في جانور جي پيداوار وڌندي.

## ڦرن جي سارسنڀال جي لاءِ هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ

**ضروري آهي:** ننڍڙن ڦرن جو پيدا ٿيندي ئي خاص خيال رکڻ گهرجي. ڦر پيدا ٿيڻ وقت ان جي قدرتي سوراخن کي ڌسڻ وات ڪولي اندران ۽ ٻاهران چڱي طرح صاف ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ پوري جسم کي چڱي طرح صاف ڪريو. جيئن ڦر آساني سان ساهه کڻي سگهن. جيڪڏهن ڦر چڱي طرح ۽ آساني سان ساهه کڻي نه سگهي ته پوءِ ان کي هٿرادو طريقي سان ساهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪجي.

1. هٿرادو ساهه ڏيڻ جو طريقو هي آهي ته ڦر کي پاسيرو ليٽائي ان جي سيني کي هٿ سان دٻائي ۽ پوءِ ڇڏي ڏجي. اهڙي طرح بار بار ڪريو. جيئن هو سولائي سان پاڻ ساهه کڻي سگهي.
2. ڪمزور ڦرن ۾ گهڻو ڪري دُن جي ذريعي بيماريون پکڙجنديون آهن. جنهن ڪري اڪثر ڦر مري ويندا آهن. ڦر جي پيدا ٿيڻ بعد يڪدم سندس دُن جانچڻ گهرجي. ۽ ان تي ٽنچر آيوڊين لڳائي ان تي بورڪ ايسڊ پائوڊر لڳائڻ گهرجي. جيڪڏهن دُن ڊگهو هجي ته ان کي 2 انچ تائين ڇڏي باقي حصو صاف ۽ تيز ڪئنچي سان ڪٽڻ گهرجي ۽ ان تي ٽنچر آيوڊين لڳائي ڪانگن کان بچائجي.
3. گهڻو ڪري ننڍڙا ڦر هڪ ڊيڊ ڪلاڪ اندر اٿي ويهندا آهن. جيڪڏهن ڦر ويهڻ جهڙو نه هجي ته پوءِ جانور جي ٿڻن کي لوڻ مليل نيم گرم پاڻي سان ڌوئي ڦر کي سهارو ڏئي پس (Colostrum) پيارڻ ۽ جر (Placenta) جي نڪرڻ جو انتظار نه ڪريو.
4. ماءُ جيڪڏهن ڦر کي نه وٺي ته ڦر تي ٿورو لوڻ ٻُرڪيو يا وري پس (کڙ) جا ڇنڊا هڻو. ضروري آهي ته شروع کان ماءُ ڦر کي پنهنجي ڪري ۽ چٽي.
5. شروعاتي عمر ۾ ڦرن لاءِ سندن صحت ۽ تندرستي قائم رکڻ لاءِ پس (Colostrum) وڏي اهميت رکي ٿو. اهو قبض ختم ڪندو آهي ۽ ڏاڍو طاقتور آهي ۽ سڄي عمر لاءِ بيمارين خلاف قوت مدافعت پيدا ڪري ٿو. هن ۾ 15 سيڪڙو ڪان 20 سيڪڙو پروٽين، وٽامن اي، ڪيلشم ۽ ليڪٽو گوبين هوندي آهي.
6. پهريون پيرو ڦر کي کير پيارڻ وقت هر ٿڻ مان ٽي يا چار گوها کير ۾ ڪيرائي پوءِ ڦر کي پياريو. ڦر کي پس (کڙ) جو پيارڻ تمام ضروري آهي ۽ پيٽ کي صاف ڪندو آهي. جو ته نئين پيدا ٿيندڙ ڦر جو معدو آخر تائين گندگي سان ڀريل هوندو آهي. جيڪو پس (کڙ) پيارڻ کان پوءِ صاف ٿي ويندو آهي. جنهن ڦر کي پس نه ملندو آهي. ان جي صحت شروع کان ئي خراب رهندي آهي ۽ ان جي واڌ ويجهه صحيح نه رهندي آهي.
7. شروع جي ٽن ڏينهن ۾ 2 کان اڍائي لٽر پس (کڙ) يا ٻن ٽڻن جو پس پيارڻ گهرجي. ان کان پوءِ ڦر کي سندس وزن مطابق 10 سيڪڙو تائين ماءُ جو کير پيارڻ گهرجي.
8. ڦر جي عمر هڪ مهيني جي ٿئي ته ان کي ٿورو ٿورو نرم گاهه کائڻ لاءِ ڏيڻ گهرجي.
9. ڪمزور ڦر کي موسم جي سختي مثلاً سردي، گرمي، بارش ۽ تيز هوائن کان بچائڻ گهرجي.
10. ڦر کي ٻيهارڻ واري جاءِ جو فرش پڪو هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ائين نه هجي ته ڦر جو منهن صاف ڪري ڪپڙو ٻڌڻ گهرجي ته جيئن ڦر مٽي نه چٽي سگهي. ڦرن جي شيڊ ۾ صفائي جو خاص خيال ڪجي. اُس ۽ تازي هوا جو گذر هجي ته جيئن پوسل نه ٿئي. جيڪا ڪيترين بيمارين جو سبب بڻجي ٿي.
11. جيڪڏهن ڦر جو پيٽ اندر ڪيڙن هئڻ جو شڪ هجي يا ڦر ڪمزور ٿيندو هجي ته ان کي ڪيڙي مار دوا جانورن جي ڊاڪٽر جي مشوري سان پيارجي.